# هوا ڪي ننڊ ناهي

"شاعري"

## علي صفدر

ڪنول پبليڪيشن قنبر

انٽرنيٽ ايڊيشن : عباس ڪوريجو ويب
وڏيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
WWW.ABBASKOREJO.COM

سنڌ

اداري پاران:
سعيد سومرو
مهاڳ: ڪنجهي جي ٿالهي ۾ ڏونڪو
سرمد چانڊيو
شاعر پاران: هيڪلي وڻ جي اداسي
علي صفدر
راءِ: تازگي آڇيندڙ شاعر
ايوب ڪوسو

# ارپنا

**بابا سائين بشير احمد ’بيوس‘**
**جيجان سڳوري آمنه،**
**ڀائر سجاد احمد،**
**مرحوم سڏير احمد ’شهيد‘،**
**ڪامران علي،**
**فرمان علي،**
**۽**
**ننڍڙي ثمرين جي نالي....**

## اداري پاران:

دل ۾ ايڏا جو وسوسا رکنديءَ،
پو صدين تائين چاهه چا رکنديءَ!

علي صفدر ـ تسلسل آهي نڪور شاعراڻي تهيءَ جو. قنبر جي اولهين پاسي وسندڙ ڪاڇي جو هيءُ تخليقي ذهن، گهڻن مامرن هوندي به تخيل جي تختيءَ تي پنهنجو نانءُ الڳ رنگ ڍنگ سان لکائڻ لاءِ ڪوشان آهي. پهرئين مئي 1983ع ۾، ڳوٺ جمال خان چانڊيو ۾، بشير احمد ’بيوس‘ چانڊئي جي آڳنڌ تي جنميل علي صفدر پنهنجي شاعراڻي گهراڻي جو مُنهن ـ ڏيک، ڪاڇي جي ڏوڙ هاڻين گهٽين ۾ گامون پريندي، يا تنها راتين ۾ ستارن جي ڇانوَ هيٺان غزل کان علاوه گيت، نظم ۽ ٻيون جديد قديم صنفون لکندڙ ـــ نثر ۾ به شاهه ڪاريگري رکندڙ آهي.
زخمي چانڊئي/سرمد چانڊئي ۽ ٻين گهڻن شاعرن جيان ترنم سان جهونگاري شعر ٻڌائيندڙ علي صفدر، تنقيدي شعور جي ادراڪ هئڻ سبب هڪ مڪمل تخليقار آهي.

سندس شاعري داخلي ۽ خارجي احساسن جي تاريخ جو اهو حصو آهي، جنهن کي ڪا اهلِ دل سوچ ئي صحيح داد بخشي سگهي ٿي. منجهنس احساس جي انوکائپ، ٻهراڙڪيءَ/شهري ٻوليءَ جو گڏيل ميناج، فڪر جي گهرائي عروج تي آهي. ’سڙيءَ دل جي ٻجڪن ڪٽڻ‘ کان وٺي ’ڪُڏيءَ ۾ ڪٽا وائرجڻ‘ تائين وٽس انوکي ڏات آهي. جنهن کي ڪا مات ناهي. مختلف ننڍن وڏن 24 کن وزنن تي آڏاريل سندس غزل، سندس فني پختگيءَ جو ثبوت آهن.

علي صفدر جي غزل جي دنيا ۾ مختلف تجربا، مختصر/طويل وراڻا، استعارا، ٺيون تشبيهون، لفظي رنگت جا اُهي ريشمي رستا ملن ٿا، جن تان تمام گهٽ ليکارين جو گذر ٿيو آهي.

**سعيد سومرو**

ڪنول پبليڪيشن قنبر
0333 7523132

سهاڳ

## ڪنجهي جي تالهي ۽ ڏونڪو

علي صفدر جي شاعريءَ ۾ اُها خوشبو بہ موجود آهي، جنهن جي سڳنڌ ڪٽي، اسين ادب جا پانڌيئڙا ٿيا هئاسون. وري اُهي تجربا ۽ اهي مشق جون موريون بہ نظر ايندين، جن جي ڪري اسان واري ٿهي سنڌي شاعري کي رومانوي بنايو. جنهن ۾ چسي نعري بازي ۽ ڪُجسي مزاحمت ناهي بلڪ فني شاهہ پارا لکندي نظر اچن ٿا. علي صفدر ننڍي چمار ۾ وڏا وڏا مورچا سر ڪندي نظر ٿو اچي، اها سنڌي مٽيءَ جي مهانتا چئجي يا ’صفدر‘ جي مهارت ـ اهو فيصلو پڙهندڙ ڪندا.

صفدر کي شاعراڻو ماحول تہ پنهنجي گهران ’ٻيوس بشير‘ کان مليو پر ان ۾ پياري عزيز قاسماڻيءَ جي محنت ۽ اتساهہ جو بہ چڱو حصو آهي. جيڪو علي صفدر جو استاد پڻ آهي. جنهن شاعريءَ جي فن ۾ سندس رهنمائي ڪئي. اوهان کي ضرور حيرت ٿيندي تہ هڪ نثر نويس ڪنهن شاعر جو فني استاد ڪئين بڻيو!؟ اهو جواب صفدر جي شاعريءَ ۾ چوليون ٿو ڏئي.

سنڌي ادبي سنگت ميرڻ ماڇي، جيڪا عزيز جي محنتن جو نتيجو آهي، جنهن چوڏهينءَ جون چنڊ ڪلائون سنڌي شاعريءَ ۾ شامل ڪيون. پنهنجي طور تي اها ادب جي آبياري عزيز جان جي ڪاتي ۾ اچي ٿي. ان جو ثبوت اڃا بہ چٽو ثبوت علي صفدر ۽ ٻين دوستن جي شاعري آهي.

علي صفدر ذهني طور ڏاڍو پختو شاعر آهي، توڻي جو چمار جي لحاظ کان هڪ ٻار آهي. پاڻ مشاهدي ۽ مطالعي جي زور تي جيڪو ڪجهہ ادب جي دنيا ۾ ڪٽي آيو آهي، اهو تمام مٿاهين پد جو مواد آهي. اچو تہ اُن جي تخيل جي پرواز جو مشاهدو ماڻيون:

زندگيءَ جا نيڻ ميرا ٿي ويا،
چينُ ڳولي پر چري ٽڪجي نہ ٿي!

ساهه سُرندا تي وچن ، هر رات جو،
چو اجا تو وٽ صدا پهچي نه ٿي!

شور شهرن مان وڃي چالئه نه ٿو؟
ماٺ منهنجي روح مان تڙجي نه ٿي!

ارتقائي تبديليءَ جيان يا چانڊوڪيءَ جي مدّم سهاءُ وارو ترنم ڪٺي علي صفدر غزل کي باک سرو بنايو آهي. جنهن ۾ ماڪ ٽيڙا به آهن ته نمن جي ٻُور جهڙو واس به آهي.انفرادي وارتائون به آهن ته اجتماعي گند تي مٽي جا تهه به آهن.

هن دؤر جو نوجوان گلوبل وليج جو ماڻهو به آهي ته اسان جي عياشين ۾ اوباسين جي پيداوار به ـ هِن ڪيبل ڪلچر جي دؤر ۾ رهندي به هُن پنهنجي ڌرتي ۾ سرتي کي ناهي نڪرايو ـ شيخ اياز ۾ استاد بخاريءَ سان ساٺ سلهاڙيو پيا هلن. ان سلسلي جي هڪ ڪڙي:

تو ٿهڪ ڏنا، جلترنگ وڳا،
ڪو مور نچي پيو ٿر جو آ!

ڳجهه کولِ نه ويهي صفدر سان،
جو رولُ اِهو گهر گهر جو آ!

جلترنگ سان ٽهڪن جي تمثيل ڪو اسان وارن ڳوٺاڻن کان پڇي ته هوند ڪين ڏندين آڱريون اچي وڃن. اسان جون مائرون ڪنجهي جي ٿالهي ۾ ننڍڙو ڏونڪو ٻار کي ڏئي، پوءِ گهر جي هاج کي هٿ وجهنديون. پوءِ ٻار ان ۾ پرسان پيل گلاس يا وٽي وارو ڪير يا پاٽي نائي وينو وڄائيندو.

مور جو نچڻ، رولاڪن سان راز سلڻ چا ته محاورا آهن!

ٽئين دنيا جو ادب دنيا جو بهترين ادب چو آهي؟ ان جو واحد سبب انهن جي پاڻ ڏانهن بهترين نظر آهي. هُو ساگر جي ڇولين جيان پنهنجي تخليق ۾ ڇلندا اوهان کي نظر ايندا.

مان صديون جهاڳي پي ٿڪو ناهيان،
تون پهر پنڌ تي ٿڪي آهين!

نيڻ منهنجا خمارِجي ويا هن،
تون اکين ۾ ڪَڏي لٿي آهين!

سنڌ وانگي حَسِينَ لڳندي آن،
اوڏي اجرڪ جو مرڪندي آهين!

علي صفدر نهايت صاف گوئي سان پنهنجي خيال آرائي ڪندي، ڪهنا مشق شاعرن جيان پنهنجي ڳالهه فني باريڪين سان ڪري ٿو. اهڙو فن شايد سنڌ جي ٿورن شاعرن وٽ آهي.

بند دل جو تہ در ڪري ويٺو،
پاڻ کي آ پتر ڪري ويٺو.

پاڻ خانہ بدوش ٿي آهيون،
پو بہ دل ۾ هُو گهر ، ڪري ويٺو.

عشق جي آسمان تي پهچي،
پاڻ کي دربدر ، ڪري ويٺو.

توکي چاهڻ بہ بت پرستي آ،
ڪيڏو صفدرؔ ڪفر ، ڪري ويٺو!

علي صفدر جي غزل ۾ محفل ۽ مشاعري جو گڏيل رچاءُ آهي. اهو فن سنڌ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن شاعرن وٽ مس جيان آهي. ڪنهن شئي جو چڪي سگهي پورائو ڪرڻ جدا ڳالهہ آهي ۽ ڪنهن شئي جو ڳُتي ڳتي پرڻ جدا فن آهي. علي صفدر جي ياڱي پوبون فقرو تو اچي، جنهن ۾ مٺيءَ ۽ مٺيءَ جو گڏيل سواد آهي.

چئہ نہ! چاڪاڻ چپ چپاتي آن؟
چئہ نہ، جو ڪجهہ چوڻ ڪان آتي آن!

اوپرائپ جي سرد خيمن ۾،
تون تہ ورهين ڪان جڻ سجاتي آن.

پريري تيءُ، پروتجي نہ وجين!
عشق جي آگ ڪان اجاتي آن!

هي غزل آهي يا ڪنهن مفتيءَ جو خطاب ـ علي صفدر نفسياتي ماهر جيان ٻاهريان ٿي ٻاهريان پنهنجي پرينءَ جا ورنن ويساهي تو وني ـ غزل جي مطلعي ۾ مهر ۽ وفا جو اٿاهہ ساگر آهي تہ مقطعي ۾ ڏال ۽ زرهہ جي پوشاڪ ـ هونئن بہ محبوب تہ محبت جي ڪائنات هوندو آهي نہ ڪي عشق جو آڙاهہ ــ حسن نزاڪتن جو مجموعو آهي، عشق بيباڪ بانڪو آهي.

ڪجهہ سناٽو هيو، ڏنڊ ڪائي هئي،
ياد تنهنجي لڙي ڪيئن آئي هئي!

جي هيو، چا هيو، ڪجهہ نہ هو، ڪجهہ هيو!؟
درد سان، موت سان بس لڙائي هئي!

ڪالهه هُن جي تہ پنهنجن ۾ نالو هيو،
اڄ الئہ ڇو گهٽي اوپرائي هئي!

تنهنجي نيڻن تي ڪهڙيون مياروُن ڏجن!
تنهنجي صفدر ۾ ٻي ڪوت ڪائي هئي.

علي صفدر جا قافيا بہ ڏاڍا پيارا آهن. هن غزل جي سِري ۾ ڊنڊ کان پوءِ 'ڪائي' مان مراد پاڻيءَ تي چانيل ڪوهيڙ نما تهہ آهي. جئين فضا ۾ اوزون ليئر – پر پرينءَ جي ياد سمورا پردا چاڪ ڪري وٽس پهچي ٿي وڃي. وري مقطعي ۾ قافيو ڪائي، 'ڪا' جي معنيٰ ٿو ڏئي. علي صفدر جا غزل ايتري مٿانهين پد جا آهن جو انهن کي سمجهڻ لاءِ ذهن تي زور ڏيڻ جي ضرورت آهي. ورنہ اهڙا غزل چگُن چوڪن جي مٿان گذري ويندا.

گهاوَ گهنگهرو ٻڌي، ناچ ڳانو ڪجي،
عمر کي ڪيستائين يگانو ڪجي!

ڇا ڪجي، ٻي وفا دوبدو تي پوي،
ڪيئن مرڪي ملڻ جو بهانو ڪجي!

هوءَ پرم جي پرڻ تي چڙي تي چوي:
'ٽڪرا ٽڪرا هي سارو زمانو ڪجي!'

سنڌي ادب ۾ انفراديت جي چڪر ۾ جيڪا ٻولي ٿاڦي تي وڃي، هن غزل جو سرو بلڪل ان انفراديت تي چوٽ ٿو ڪري. اڻين هي غزل علي صفدر کي هڪ نقاد جيان ڪري ٿو بيهاري. ڪنهن جي لڄي ٿيڻ تي زماني کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ وارو محاورو تہ هڪ شاندار محاورو آهي.منافقيءَ واري ڏند هير صفدر کي ٻنهہ ڪانہ ٿي وٽي.
علي صفدر سان رهاڻ واري ڏينهن ڪنهن دوست ان جي ننڍي عمر جو حوالو ڏئي ادبي غلطي ڪندي چيو هو تہ 'صفدر کي ڪهڙي خبر تہ مئڪدا ڇا ٿيندا آهن؟'
سڄي ڏينهن جي محنت ۽ مزوريءَ جي لوڙ ولوڙ کان پوءِ جيڪو مزور شام جو هوٽل تي ويهي چانهہ جون چسڪيون پريندي منظور سخيراڻيءَ جي امر آواز تي جهومندو آهي، اُها بہ تہ ان جي باذوقي آهي، جيڪا سدائين نظرانداز ٿيندي رهي آهي. مزدور، مزدور آهي، پر گهڙي ڪن لاءِ هن جڳت جون جاڙون ڀُلائي جيڪڏهن هُو هڪ ننڍڙو سرور ٿو ماڻي تہ پوءِ اسان کي اعتراض ڪهڙو؟! هن غزل جو هي بيت بلڪل ائين ئي آهي:

ميڪدي ۾ سوڳ ويڙهي يار جو،
مون پڇاڻان رند ايندا ڪيترا!

عربن جي قهوا خانن تي ڏُت شرابين کان وٺي چانهہ ۽ حقي جا موالي بہ ايندا آهن. سڏبا تہ سيئي پياڪ آهن. علي صفدر پنهنجي خيال آرائيءَ ۾ بلڪل هڪ بيباڪ شاعر آهي، پياڪ آهي يا ناهي؟ اهو

تہ وري جدا مسئلو آهي ـ مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌي سماج ۾ ڏنل ’ڏنپ‘ کي بہ ’گل‘ سڏيو ويندو آهي، اهو گل جيڪڏهن ڪو شاعر تخلص طور استعمال ڪندو تہ ان جي جلن ۾ سوز کي محسوس ڪرڻ لاءِ اسان کي گهڙي کن لاءِ ان ڏنپ يا گل جو احساس ڪرڻ گهرجي. آنءُ اها غلطي نہ ڪندس تہ علي صفدر کي پڙهڻ کان پهرين اياز کي پڙهو استاد کي پڙهو يا فلاڻي کي پڙهو ۽ پوءِ علي صفدر کي پڙهو ـ اها صفدرسان زيادتي ٿيندي. علي صفدر کي پڙهڻ لاءِ علي صفدر کي پڙهو ـ پوءِ اوهان پنهنجي جذبات ۽ محسوسات جو موازنو ڪريو.

جي هوائون ناںءُ تنهنجو ٿيون وٺن،
لوڪ جون مون ڏي ڪجهہ ٿيون آڱريون.

تو وساري ڇڏيون هن، ملڻ جون مندون،
ڪيستائين وڇوڙا پيلا ڳائجن!؟

ڇئجوس وڇوڙو، غم، ڳوڙها،
ڇا ڇا نہ ڏنو آ تہ پنهنجي!

هوءَ مالهڻ رُسي وئي آهي،
ڪير موتيا آڱر ۾.

ياد ۾ جا تازگي هئي پيار جي،
تو سان گهاريل پل پل جو رنگ هو!

ٿورو تڪي ڏنائين، هلندي رهي گهٽيءَ ۾،
مٽيءَ جو آدمي هو، رلبو ويو مٽيءَ ۾.

مون چيو: پيارِ جام نيڻن جو،
هوءَ وهُ جو وٺو پري آئي.

جنمن تائين پياس هيءَ مرڻي ناهي،
اي ٿوپيءَ جا جل! اسين آواره هون!

چيائين، تہ ’صفدر‘ اجا مات آهين!
چيم: خواهشن جو اٿم بارُ بالم!

اِسان جي ذات وهنتي اچ نہ رنگن سان،
اُڏايو تو هوا ۾ چو نہ چنريءَ کي!

روح ھُن جي ہُڪن منجھ رھجي ويو،
جسم شمشان ڏان گھليو تہ وجي!

علي صفدر علم بيان ۾ وڏن وڏن معرڪن جو شھسوار ٿو نظر اچي.اھا جدا ڳالھ آھي تہ ھن جي شاعري سرل گھوڙي جيان پھريون پيرو ميدان تي آئي آھي. پر ان جو قدم قدم سچيتائيءَ ۽ سرشاريءَ جي گڏيل گام ۽ دوگامون ھلندي نظر اچي ٿي. ڪٿي چرڪ ۽ چال آھن تہ ڪٿي لئہ ۽ آھنگ جا چوھہ چلندي ٿا ڏسجن. مٿي جيڪي بہ بيت ڏنا ويا آھن، اُھي پنھنجي خمير ۾ سراپا صفاتي لھجي جو نُور آھن. انھن بيتن ۾ آيل تمثيلن ۽ استعارن بدران آنءُ اوھان کي اجا اڳتي وني ھلڻ ٿو چاھيان. غزل ۾ مطلع اُولا ۽ مطلعا ثاني جو علمي ۽ فني قدر بہ غزل جي تاريخ جو نمايان حصو رھيو آھي. علي صفدر جو ھي غزل ڪسوٽي جي ان پرک تي سوَ جوڻ سوءُ مارڪون وني ٿو. جيڪي اُن جو بلڪل رائيٽ آھن.

اکين سان مَتہ چڪي ڪٽي ڏنائين پي،
نھار جي ترار سان ڪٽائين پي!

اسان جي دل سان واسطو رکيائين پي،
اسان کي پو شمار مان ڪٽائين پي!

نئين تھيءَ لاءِ اھي ڳالھيون ڪٽي ايتريون معنيٰ خيز نہ پيون ھجن، پر نثر ۽ نظم کي الڳ ڪرڻ جو اھو فن پنھنجي طور تي اڄ بہ وڏي حيثيت رکي ٿو۔ نظم ڇاھي؟ نثر ڇاھي وارن سوالن جا جواب ڳولبا تہ مٿيون وضاحتون اوچي پد ۽ قد سان نظر ايندتيون.
علي صفدر جي بيان ۾ ادبي ٻوليءَ جو رس ۽ چس عوامي لھجي کان مختلف آھي ۽ ھجڻ بہ گھرجي. پر ان جون وارتائون جڏھن ادبي لھجي ۾ بيان ٿين ٿيون تہ اھي وڌيڪ پرسوز ۽ بااثر بڻجي وڃن ٿيون. حالانڪ پراڻن شاعرن وانگي علي صفدر ترڪيبن کي صنعت گري جو شڪار نہ ٿو بڻائي. تجنيس ۽ ابلاغ جو عالم وٽس اھو ناھي جو شعر رڳو شعر ھجي. پر سندس شاعري روزِ ازل جي پڪار آھي.

رات جي رھزنن خواب پورا ڪيا،
ڪنھن وچوڙا ڏئي، ساھ ڳورا ڪيا!

منتظر منتظر ڪو وريو شام جو،
نيڻ پنھنجا نہ تو ، مَد ۔ ڪٽورا ڪيا!

علي صفدر جي شاعري ھت نوڪين مزاحمتي شاعرن جي شاعري کان گھڻو مختلف آھي. نرم لھجي سان ڪٺاھيءَ ۾ ڪڙھيل خيال جيان سماعتن تي پوي ٿي تہ اھو سور ۽ سرور جي سنگم جيان جذبن کي اُپاري ٿي. اھا ڪيفيت نونھال ٻار جي طھر سنت مثل ڪلي قبول ڪجي ٿي. ھڪ پاسي عضوي جي ڪٽجڻ جو عذاب آھي ۽ ٻئي پاسي پاڪيزگيءَ، شفاف خيال ۔ ڪلڻ ۽ روئڻ جون ٻئي ڪيفيتون يڪجا ڪرڻ، علم بيان جو لامتناھي تصور اپاري ٿو ڇڏي.

سنڌي شاعرن جي فن جو اندازو اوهين هئين به ڪري سگهو ٿا ته انهن عروض ۾ ديسي صنفون رچيون. جئين ڪافي، گيت، وايون، پنجڪڙا، ڏيڍستا وغيره ته اختراءِ زيب جي حوالي سان دوهي ۽ سورٺي يا بيت ڇندن کي عروضي شڪل ڏيئي، غزل، نظم، قطعا ۽ رباعيون لکيون. اهو آهي فني ڪمال هن ڏيهه جي شاعرن ۽ ڪويسرن جو. ڏسو اختراءِ زيب مان علي صفدر جو هي غزل:

اي موت اياڻا! ڪلهه جو مرڪي پيگ پري تو پيتا ها،
سا گنگا جل جي مٽ نه هئي، پر منهنجي ماءُ جا ڳوڙها ها!

هن غزل جي سري ۾ پياءُ سڌير جو اوچتو موت به آهي ته صفدر جي امان جا سنڌو جل ۽ گنگا جل جان ويرون ڏيندڙ لڙڪ به ـــ هونئن ته سڄي سنڌ وارتائون ۽ ويڙهاند آهي، پر ڪٿي ڪي ڳالهيون انساني سهپ کان مٿي آهن. اتي انسان فطرت کي ئي ڏوراپو ڏيندو آهي، جئين صفدر موت کي ڏوراپو ڏنو آهي.
صفدر جي طبيعت جي موزونيت ۽ بيان جي خود ساختگي ڪيس هڪ بهادر انسان جي گواهي ٿي بخشي. ننڍي ڀاءُ جي موت ۽ سڄي گهر جي راڙو راڙ ۾ به صفدر سُوجهه ٻوجهه ٻنيو بيٺو آهي.اهڙين حالتن ۾ گهٽ ماڻهن سان ڏات ساٿ ڏنو آهي.
صفدر سماجي سور کان به خالي ناهي، جي ذاتي رنج ۽ غم آهن، اتي سماجي دک درد به وٽس واهڙ ڪيو پيا وهن.

واءُ ۾ ٿي ڪُڏيءَ جا ڪٽا وائري،
اينٽري عشق جا ٿي قصا وائري.

دل جي ديري ۾ ڪو چين باقي نه آ،
هوءَ وئي يادگيريون صفا وائري.

ديرا، راهيون، هارپو، هاري هارياڻي جو آجپو انهن جا الميا، اُهي سڀ صدما ۽ پيو سور صفدر اڪين ڏٺا آهن. وائرڻ فصل داڻن کي صاف ڪرڻ جو عمل آهي، ڪُڏي، راهه جو ترو ۽ ڏرتيءَ تي بچيل ڪٽا داڻا آهن. هن دؤر جي هاريءَ کي صرف ۽ صرف ڪُڏي وچي پڙ پوندي آهي. باقي پيو سڀ ڪجهه خرچ ڪاپا ۾ زميندار ڪٽي ويندو آهي. سنڌ جي گهڻي شاعري واسن ۽ ونن تي رچيل آهي، پر اها يا ته ڌرتيءَ تي ريڙهيون پائيندي معزور ٿي نظر اچي يا نعرن جي آواز ۾ گڏجي سماعتن لاءِ عذاب بنجي ٿي وڃي. صفدر جي ترڪيبن جو انداز ڪجهه مختلف آهي، جيڪو هن کي مٿاهين پد تي نيئي ٿو بيهاري. هو درد جي دانهن به ڪري ٿو ، پر سورٺ راڻي جي مڌر آواز ۾ ۽ جي سِر جي صدا ڪري ٿو سا به ٻيجل جي ٻرندڙ ٻولن ۾ ـــ صفدر جي شاعريءَ ۾ انتها درجي جو فن به آهي ته تخيل جي پرواز به ـــ صفدر مڪمل نه صحي پر هڪ سچيت سڀاجهو ڪوي آهي، جيڪو پنهنجي آب تاب سان جرڪندي اوهان کي نظر ايندو. دعا آهي ته هو ويران وير وڏ هجي.

**سرمد چانڊيو**
ميراڻي محلو- لاڙڪاڻو
13 10 2007

# هيڪلي وڻ جي اداسي

شاعري منهنجو عقيدو آهي ــ مان عقيدي سان نظريي جو تضاد نٿو رکي سگهان ــ شاعري پيغمبريءَ جو جُز آهي تہ شاعر ڇاهي!؟

مان نہ تہ ڪو پيغمبر آهيان نہ پيغمبريءَ جو جُز..... آنءُ بس شاعراڻي گس جو پانڌي آهيان ۽ مون کي پنهنجي منزل جو ڪو بہ پتو ڪانهي.

ڪائنات حسين آهي .... تہ خدا ڪيترو خوبصورت هوندو!؟

ائين ئي حسين تصورن جي پرک حسين اکين سان ڪئي ويندي آهي. آنءُ اکين سان شاعري ڪندو آهيان. اکيون ڪائنات جا سمورا اسرار تلاشين ٿيون. خوبصورت رنگ, ڦِڪين ڦُلين جا ڪيت, ڪڪُن جا گجگاهہ, برف جهڙا پهاڙ, آبشارن جو مسلسل ربط, ڪيتن کي ساوڪ جو سهڻو وڳو اپسرائن جا جاڙا پرون, مينهوڳيءَ دوران آسمان جي ڪُک مان ڦنڊڙ رنگن جي اندلٺ, واريءَ تي ڪُنيين جي اچاڻ, ستارن جي جهرمٽ ۾ سرڦريو چنڊ ۽ هُن جي پراڻي پپر پريان اڻ ڏوتو سورج ...... هر روز منهنجون اکيون انهن کي ڏسن ٿيون, انهن سان گڏجي سفر ڪن ٿيون ۽ پوءِ تنهائيءَ جي آغوش ۾ ليٽي ڪلا جنمينديون آهن ـــ

اکيون ..... جيڪي پنهنجي وجود جي صيغي ۾ تمام ننڍڙيون آهن پر انهن جي وشالتا ست امبرن برابر آهي. انهن اکين کي ذات جا ڪرتا ورثي ۾ مليا آهن.

منهنجي زندگي بہ ڄڻ شعري ڪُليات آهي! جنهن ۾ مختلف رويا ڪنهن غزل جي مختلف بندن وانگي الڳ الڳ وهڪري سان روان دوان آهن. هر هڪ پلُ .... پـلَـن سان واڳيل سحر آلود سمرتيون .... سمرتين ۾ ويڙهيل ماضي .... شاعريءَ جي مختلف صنفن جيان ڪڏهن اختصار ۾ هلڪڙي محسوس ٿي آهي تہ ڪڏهن طويل ۽ ڀاري.....

آنءُ سمجهان ٿو تہ هاڻ کان پوءِ ايندڙ دؤر جيڪو استحصالي/ نفسا نفسي ۽ غير ادبي روين جو شڪار هوندو.... تڏهن هاٽوڪي طرز و مزاج واري شاعريءَ جو سرجڻ ناممڪن هوندو. جنهن ۾ بدن جي هڳساڻ بنا وطن پرستي ۽ آدميت جي ڪا بہ خوشبوءِ ڪا نہ سونگهي سگهبي.

مون شاعريءَ سان ڪڏهن بہ زبردستي ناهي ڪئي. ان جو الهام ائين ٿيندو رهيو آهي جئين اڳوڻي دؤر ۾ ڪن آفاقي ڳالهين/اسرارن جي اڳواٽ آگاهي پيغمبرن/ولين کي ٿيندي هئي.

شاعري منهنجي وجود / ذات تي حاوي رهي آهي, ورهين کان اسڪول جو بند پيل دروازو, انڌياري جي رات, سگريٽن جو دونهون, اوجاڳن جا پاڇا, آنءُ ۽ شاعري جنم جنم جي ساٿ ۾ رهيا آهيون. مان چائو هان تہ اڪيلائين جي ڪچ نصيب تي اٿم. مون روئڻ چاهيو آ تہ صدائن کي گهٽا ڏنا ويا آهن, مون کلڻ چاهيو تہ مون تي طعنہ زنيءَ جا پٿر اُڇلايا ويا آهن, مون اُڏرڻ چاهيو تہ ضبط آڇيا ويا آهن, مون رُلڻ چاهيو آ تہ پير ڪٽيا ويا آهن. ننڊ چاهي ٿم تہ اوجاڳن جا وير پلئہ پيا آهن. مون جيئڻ چاهيو آ تہ هر هڪ فرد مون لئہ زهر جو تيراڳ ٻڌجي پيو آهي. آنءُ جنهن معاشري جو فرد آهيان, ان معاشري جا ماٿهو 'مايا جا پوڄاري' هن ۽ انهن جو ايمان/ڌرم 'دُنيا' آهي. ۽ هُو وقت جا بادشاهہ مغل ٻڌجي مون کي داره شڪوه سمجهي وقفي وقفي قتل ڪندا رهيا آهن ۽ مان وقفي وقفي حالاتن سان سمجهوتو ڪري صدائن جا سينا

چيري ننگي اُڀ ڏانهن اُڏامندو رهيو آهيان ۽ ڪاغذن جون حياتيون غرق ڪندو رهيو آهيان. ڪاغذ جي نيري گگن تي منهنجي ڪوتا اوهان لئہ ستارن جي سهائي رکڻ جا گُر رکي ٿي الائي نہ!؟

ڪاڇو! جيترو خوبصورت/شادباد آهي، اُتان جا ماڻهو/ماڻهن جا ذهن تعليم جي اڻاٺ سبب اوترائي ميرانجهڙا آهن .... جتي منهنجي تخليقي سونهن، اڻ سُونهن رنگن جو بيحس بيابان آهي. اُتان جي ناسمجهو ماڻهن وچ ۾ مان مجذوبي شهرتون رکندڙ فرد/شاعر آهيان. اُتان جي ريتن، رسمن، ذات جي رواداريءَ ۽ انا پرستن مون کي ورائي ورائي زخمي ڪيو آهي. آنءُ اهو هيڏو مانڊاڻ اظهارڻ لاءِ شاعري ـ راڻيءَ جي ڪڇَ پناهگاهہ سمجهي اندر جي آنڊمانڊ کي گهٽيندو رهيو آهيان. مان پوءِ بہ اِهو محسوس ڪيان ٿو تہ آنءُ اجا اُهو ڪجهہ اظهاري ناهيان سگهيو جيڪو ڪجهہ مون کي اظهارڻ گهربو هو/آهي.

ڪاڇو...جتي جنهن بہ تخليقار جو جنم ٿيو آهي، اُهو پنهنجي علم عقل، فڪر فهم سان منفرد روپ اروپ سان نرواڻ ٿيو آهي. تيز زبانون هلائيندڙ ڳوناٽن ۾ ڪي ڪي بخمل جهڙو ڪوئنرو روح بہ رکن ٿا جن جو اٿاهہ عشق، گهاوَ گهاوَ جي ڪهاڻيءَ کي ميٺي ٿو ڇڏي ... جن جي قرب جو ڪشادو اڱڻ منهنجي تخيلاتي حُسن جو اهڃاڻ آهي.

مان رُلڻ جو گهڻو هيراڪ رهيو آهيان، شايد ڪنهن سفر ۾ ئي جاڳو هُس ... رات جي تنهائيءَ ۾ آنءُ اڪيلي تُربت جيان بغير ڏيئن جي، هڪ گُل جي آس ۾ تڙپندو رهيو آهيان. منهنجي تڙپ منهنجي داخلي/خارجي احساسن جي پيچ ڏاهہ ڪندي رهي آهي ۽ آنءُ سوچن جي تهائين ڏکهي رڻ ۾ ڪنهن مرگهہ وانگي آب/ڇانوَ تلاشيندو رهيو آهيان. ۽ انهيءَ گهرج جو احساس ذات راڻيءَ کي سقلتا ڪرڻ سان ئي ختم ٿيندو رهيو آهي.

اوهين نقاد آهيون. منهنجي شاعريءَ جا ..... مون کي منهنجي تخليق ايتري ئي پياري آهي جيئن خدا کي انسان .... انسانن ۾ فرق محسوس ڪندڙ اڪيون اسان جون/اوهان جون آهن. ڪائنات جي ڪُليات ۾ خدا کي هر چهرو خوبصورت غزل ئي محسوس ٿئي ٿو.

هي سڀ ڪجهہ منهنجو آهي. **’هوا کي ننڊ ناهي‘** کي مان هر حال ۾ هر دؤر ۾ هر جنم ۾ قبولڻ لاءِ آماده آهيان. هي منهنجي احساسن جي قلواڙيءَ ۾ رتل گُل اوهان لاءِ خوشبوءِ جو سنيهہ هٿن ۾ جهليو بيٺا آهن. اوهان جي محترم راءِ منهنجي پنهي اکين تي ....

مان هميشہ وڙجي ڇايا ۾ رهيو آهيان. وڙهُن جا ... هُو جيڪو مون سان آدجڳاد ۾ ڪٺي هوندو/آهي. وڙبابا سائينءَ جا، جنهن جي آزاد سوچ منهنجي شعوري وهڪري کي ڪشادگي ڏني. وڙامان سڳوريءَ جا .... جنهن جي ويساهہ ۾ مان ساهہ کڻي رهيو آهيان.

وڏا وڙ عزيز قاسماڻي، يونس جمالي، ذلفي سومري، نور الحق ’نور‘، راشد بروهي، نصيب علي، ذالفقار گاڏهي، وزير وچڙيل سولنگي، علي ظفر، ۽ اسماعيل ’ناشاد‘ سولنگيءَ جن جا، جن جي اڻ کٽ محبتن منهنجو هانءُ جهجهڻ نہ ڏنو.

بيحد وڙ ـ سائين سرمد چانڊئي، سرڪش سنڌي، ايوب ڪوسي ۽ سعيد سومري جا، جن پنهنجي املهہ راين سان منهنجو مُلهہ مهانگو ڪيو.

ڍڳ ٿورا تنهنجا من!

تنهنجي مسڪراهٽن منهنجي ذات کي نئين ضيا بخشي.

اوهان جي راءِ جي اننت اوسيئڙي ۾.

## علي صفدر

جمال خان چانڊيو– ميرڻ ماڇي
ڪاڇو– ضلع قنبر
MOB: 0332 2013147

### تازگي آڇيندڙ شاعر

سنڌي شاعرن جي ويجهڙ واري نئين ٽهي ۾ نوجوان باصلاحيت شاعر علي صفدر جي شاعري ان ڪري به ڪافي توجهه ڇڪائي ٿي جو اُن جو مزاج نازڪ شيشي جهڙو آهي. علي صفدر جا غزل رڳو دلبرين جا زلف نٿا ڇهن، پر اُهي ڪوئل وانگر ڪوڪين به ٿا. هِن نوجوان جا ڪيئي شعر پيار جي پهرئين احساس جهڙا به آهن ته ڪيئي شعر وري پارڪر جي پٿريلي زمين جي تلخيءَ جهڙا ارڏا به لڳن ٿا. علي صفدر جي شاعراڻين سٽن ۾ جواڻين جي پگهريل پيشانين جا عڪس ڪيئي وارتائون ٻڌائين ٿا. علي صفدر تازگي آڇيندڙ شعريت جو احساس جاڳائيندڙ نوخيز شاعر وڪ وڪ تي محسوس ٿئي ٿو. غزل جي روح کي ڇهندڙ موضوعن جي چونڊ ۾ ٻولي جو سهڻو رچاءُ هُن جي غزل جي شاعري جي لهجي کي منفرد بڻائي ٿو ۽ خوب موهي ٿو.

مون غزل گنگايو پئي،
هُن وچوڙو ڏايو پئي.

اڪن جون ڦُلڙيون اسان ته ناهيون، جو پوئنر اُڏري اچن اسان ڏي،
اسان ته آهيون اماس رستا، ڇو پير تنهنجا وڃن اسان ڏي.

چوين ٿي ڇُهنڊڙي پائي، ڪٿي من بي ڏيان آهي؟
چيم: تنهنجي حسين مُک ۾ ستارن جو جهان آهي.

علي صفدر جي شاعري ۾ رنگين صلاحيتون موجود آهن. پاڻ باشعور شاعر آهي. هُن جي شاعري ۾ نئين رت جو ولولو موجود آهي. غزل جي شاعري ۾ شعر شناسن جي دل مان بي اختيار رڙ اپاريندڙ شعر تخليق ڪرڻ واري شاعر کي ئي غزل گو شاعر مڃبو آهي. علي صفدر جو هي شعر پڙهي ڪنهن به دل مان بي اختيار رڙ نه نڪري سو ته ممڪن ئي ناهي:

ڪو رئو روڄ سان گهلبو ٿو وڃي،
ساهه تنهن جي پنيان گهلبو ٿو وڃي.

علي صفدر جي شاعري جو مستقبل ڪافي روشن نظر اچي ٿو ته هن جي شاعري جو هلندڙ سلسلو پڻ بيحد خوبصورت آهي. جنهن جي آجيان لاءِ اسان جون ٻانهون ۽ دليون کُليل آهن.

**ايوب کوسو**

هُن جي ميڙاڪ جي تمنا ۾ اسان،
دل چڏي نيڙي پکيڙي، شام جو!

چوکري، سونهن آ، ستارو آ،
يا تہ شعرن جي چوپڙي آهي.

منهنجا ڳولين نيڻ اجا تائين لاريءَ ۾،
تنهنجا عڪس پروڪا پاڇا لاريءَ ۾.

هلڪي هلڪي موسيقي، ڪڻ ڪڻ ساڻوڻ،
سهرا، تاڙيون، تون مان، شيشا لاريءَ ۾.

مون آ ويس غزل جو اوڍايو تن کي،
توسان گذريا جيڪي لمحا لاريءَ ۾.

منهنجي بند چپن پي ڪجھ ڳالهايو تي،
تنهنجا پي خاموش اشارا لاريءَ ۾.

توسان تنهنجي ست سهيلين جو پاڇو،
۽ مان هڪڙو تنها تنها لاريءَ ۾.

ڪهڙي ڳجھ جي ڳالھ ڪري ويا او منوا!
پر ۾ چار نقابي چهرا لاريءَ ۾.

ٻارن جا ٻوڪات، هوا جي سرگوشي،
سانجهيءَ تائون پيار پتاشا لاريءَ ۾.

اڄ پي ڪو احساس لتاڙي تو مون کي،
اڄ ٻه لتا جا سُر جاڳيا ها، لاريءَ ۾.

●

لڳي تي هيڪلي وڻ جي اداسي،
حياتي، هيڪلي وڻ جي اُداسي.

هوا کي ننڊ ناهي ڪنهن گهڙيءَ پيي،
چـڙي تي هيڪلي وڻ جي اُداسي.

پرين! تون مان جدا آهيون تہ آهيون،
اسان ٻئي هيڪلي وڻ جي اُداسي.

رڳو تصوير جو هئي سو مقدر،
اُها ئي، هيڪلي وڻ جي اُداسي.

الئہ چو اج اوهان جي ٿهڪڙن مان،
چـڙي تي، هيڪلي وڻ جي اُداسي.

’صفّدر‘ تنهنجي ڇايا ريءَ ائن آ،
سهيلي! هيڪلي وڻ جي اُداسي.

●

ڀاڳ اهڙو بخت خاني ۾ هجي،
چنـڊُ منهنجي آشياني ۾ هجي.

پيار بن پيي ڏي حياتيءَ کي مزو،
ذوق اهـڙو ڪو زماني ۾ هجي.

ٽهڪڙن جون تارڙيون تڙنديون رهن،
گـفـتـگو اهـڙي تـرانـي ۾ هجي.

پل اپل اڪڙين جو ماتم تي روان،
پـوڳ اهـڙو چـو بـهـانـي ۾ هجي.

روح جون سپ رياضتون توتي ڪُتن،
رنگ بو تنهنجي فساني ۾ هجي.

آنءُ اونداهين جا ٿو پاڇا ڏيکيان،
شال تنهنجو گهر سُهاني ۾ هجي.

●

پٽاپٽي لٽا ۽ هوءَ مٿي تي ڳاهه جي پري،
ڪوي لڪيا ها گيت ڪي جواني جهومندي ڏسي.

ڪا نرم گفتگو هئي، ڪي چاهتون، پيو تون ۽ مان،
ڪِرڙي پئي آ چاندني، اسان ڪي مرڪندي ڏسي.

وجود جون سيئي گهٽيون، لهوءَ رنگ سان پنيون،
لڙي نه آئي پر خوشي اکين ڪي تڙپندي ڏسي.

وري اميد گنج تي ڪيڏي نئين هڳاءَ لئه،
اندر جي ٽوٽ ريتِ تي، ڪي پيار برسندي ڏسي.

وري سنجها جون رونقون، لڙاٽ تي ويون متي!
اواٽ واٽ، ٻاٽ ۾ ڪا ياد مرڪندي ڏسي.

●

جوين جي تازگيءَ جو اڄ واسُ ٻئي ورهايون،
هلُ چيٽ جي چڳن ۾ رابيل کي لڳايون.

محسوس ڪئي مون پنهنجي آلاڻ هئي ڳلن تي،
ڪلهه رات تنهنجون منڙيون، منڙيون جو ياد آيون.

تو جو اکين جا رستا، وارِي ڇڏيا اسان کان،
رولاڪ واءُ وانگي، ٻن ٻن رُلي ٽڪا هون.

آٿت ڏئي نه سگهيون هن درد – ٻارڙيءَ کي،
توڙي ’اياز‘ جون مون ورجايون رات وايون.

تون يي آن ساهه سرتي، سنڌڙي يي جان پرتي،
ڪوئي پتو نٿو پئي، ڪنهن سان گهٽو نيايون!

ساري عمر جليا هون، ورهڻ جي آڳ ۾ من!
اڄ اڄ هي لڳّ پنهنجا، برسات ۾ پچايون.

●

رات جي رهزنن خواب پورا ڪيا،
ڪنهن وڇوڙا ڏئي، ساهه ڳورا ڪيا!

تن ئي ڳوڙهن جا درياهه آڇي ڏنا،
نيڻ جن لئه مون پنهنجا هندورا ڪيا!

پنهنجا ذرڙا لهي پيا، لهون ڪونه ٿا،
وقت ڪيڏا اسان تي هي تورا ڪيا!

واءُ جي ناوَ تي، مون چڙهي زندگي،
ڪنهنجي يادن ائين هورا ڪورا ڪيا!

منتظر ڪو وريو شام جو
نيڻ پنهنجا نه تو ، مڏ - ڪٽورا ڪيا!

●

باک تي پنيور وئي ۽ شام ڪي رنگت نه هئي،
دل ته ساڳي ئي هئي پر دل ۾ ڪا محبت نه هئي.

رات پي هوءَ جلپري تي خواب نيڻن ۾ لٿي،
هُن ڏنا جي ٿهڪ پر ۾ تن جي ڪا قيمت نه هئي!

مان ڪئين پهچي سگهان ها، تو خوشين جي ميڙ ۾
درد ڪان واندي نه هئي دل، سوچ ڪان فرصت نه هئي!

ڪيئن تون گلڙا ڪٽي آئينءَ اُجڙيل شهر ۾
اي چريا! مقتول سپنن جي ڪتي تربت نه هئي!

مان هجان ها راڳ ڪو تون بڻ چپن سان ڳائين ها
يا هجان ها ٿڪ هڪڙو اهڙي پر قسمت نه هئي!

●

هن جنم سان ڪا خوشي پرچي نه ٿي،
يا خدا! تقدير جو سُلجهي نه ٿي!؟

تنگ دستيءَ جو جياپو ٿي نه تو
خودڪشيءَ جو پيي ته دل سوچي نه ٿي!

زندگيءَ جا نيڻ ميرا ٿي ويا،
چينُ ڳولي پر چري تڪجي نه ٿي!

ساهه سُرندا ٿي وڃن ، هر رات جو
چو اچا تو وٽ صدا پهچي نه ٿي!

شور شهرن مان وڃي چالئ نه تو؟
ماٺ منهنجي روح مان ترڄي نه ٿي!

پاڻ شيشن جي شهر جا رول هون،
دل پٿر جي شهر کي پوڄي نہ ٿي!

●

چنڊ چريي،جو قرب - کهاڻيون دهرايون،
منهنجون هر هر پرجي يار اکيون آيون.

لمحا ٻي چينيءَ جي سازن سان جهوميا،
يار اُماڻيون هيل ورائي تنهايون.

وقت جي منصف ڏوهہ ڪروڙين مڙهيا هن،
دوست اڳيان ڪئن پاڻ ٻي ڏوهي ڄاڻايون!

واءُ ۾ تنهنجي ٿهڪن جا ها گيت وڳا،
لڙڪ سنڀاليندي خود برسي پيا آهيون!

هونءَ تہ توسان ڳڌ ڳڌ ها سين ساهن جان،
هاڻي توکي ياد الائي ڇو ناهيون!؟

تو وٽ آهن روشن ڪرڻا جوين جا،
مون وٽ آهن سرس مڙيئي تنهايون.

●

مون تہ اونداهہ ويڙهي رکي،
تو چو ٻاري اچي پو بتي،
گهر اندر
گهر اندر!

کوڙ ها تنهنجي يادن جا
هيکلو مان نہ هس کا
رانديکڙا،
گهڙي،
گهر اندر!

سجّ جهڙو کو سپنو اکين ۾
جاڳ آيو ڀڃائي کٽي،
لٿو
گهر اندر!

هُن کي چئجو نہ ڇيڙي قصا درد جا،
مرک آئي آ مس مس لڙي،
گهر اندر!

کير پاڇن پنيان روز ڊوڙي پيو
کير تڪجي سُتو آ ڀڪي،
گهر اندر!

تون تہ ’صفدر‘ خوشين کي خريدڻ وئين،
پو چو ماتام آئين وٺي،
گهر اندر!

●

امبر امبر ٿي ويو رستو من دل جو
سڄڻي! تو جو ويسُ پڄايو وائل جو.

ڪيئن صدين لئہ سونهن تڪايون نيٽن ۾
جيون پنهنجو آ هت پيارا، ڪن پل جو.

سنڌيا ڏاري خوشبو لمحا، رولاڪيون،
پار پريان تو گيت ٻُري ڪنهن گهايل جو.

سچ جي سونهن سنواري وئي جن راهن کي،
مون بہ وتو آ ساڳيو رستو مقتل جو.

من جي مرڪن جا سپ لمحا اُلجهائي،
ڏيري ڏيري گم ٿيو سڏڪو پايل جو!

تو جو ڏوتو پنهنجو ست رنگي چولو
اندلٺ جهڙو رنگ ٻٽيو آهي جل جو.

●

بہ تي تو ديپ ٻاريا ها، ڏُکڻ ڪان پو
هلي آئينءَ هينئر جانان، ٽٽڻ ڪان پوا!

سوين پيرا اکيون منهنجون پيون برسي،
سوين پيرا اکيون تنهنجون اگهڻ ڪان پوا!

اسان مدهوش تي گيتن ۾ غم پلٽيو
اڙي جانم! ڪڏهن تنهنجي رسڻ ڪان پوا!

گلابن جي هڳائن جان لڳو جيون،
اوهان جو چانڊني چهرو چمڻ ڪان پوا!

مليون تنهنجي نہ زلفن جون ڪٽي ڇائون ،
سموري زندگي بن ۾ رُلڻ کان پوءِ!

هئينءَ سنگ ’صفدر‘ جي تہ رنگ ڍنگ ها،
وئي هر جوت من تنهنجي اُٿڻ کان پوءِ!

●

جلاد وقت هي متان عذاب ڏي،
چُمي وٺون ڪو چنڊ جي شباب کي.

ڪِلي پئي رئي جي اوٽ ۾ سکي،
پڙهياڻين ناڻءَ جيئن جو ڪتاب تي.

ڏسي اسان جي روح ۾ خزان جو غم،
رکي وئي آ ميز تي گلاب کي.

رُني خدا حضور ۾ آ ڪربلا ـ
’شهيد جي چمن جو پيي حساب تي‘.

وري وجود ۾ ٻري ڪا چاندني،
تڪي پون شعور جا هي خواب جي!

جنم جنم کان رول تي پرايا مون،
خدا! قبول: جرم، غم، ثواب سي.

لڳي تو مان بہ تي ويو هان اوپرو
ڪيئہ تہ اڳ نہ ائن ڪڍهن حجاب، ڙيءِ!

●

جن هنيا نيڻن ۾ شيشا، ڪيترا!
ڇا پڏايان، بي وفا ها، ڪيترا!

رقص، بوندون، ٺهڪ، ماتم، بي رخي،
زندگي! ها نانوَ تنهنجا، ڪيترا!

ميڪدي ۾ سوڳ ويڙهي يار جو
مون پڇاڻان رند ايندا، ڪيترا!

چنڊ کي ڪهڙي خبر، هن پوڻ تي،
زلزلا ايندا رهن تا، ڪيترا!

تنهنجي ماڻن جون مندون مومل ويون،
ڪاڪ جا ڪاتيون ڪشالا، ڪيترا!

پاڻ نڪتاسين ڪٽي آوارگيون،
ساٿ ۾ رستا ڏکيا ها، ڪيترا!

تنهنجي نيڻن جي نهارن جا غزل،
ڏائرين ۾ مون سجايا، ڪيترا!

چيٽ واريءَ چانڊنيءَ ۾ اي هوا!
هوءَ لکندي خط اجا پيا ڪيترا!

مون ته وک وک نانوَ تنهنجي سان ڪٽئي،
فاصلا تو ئي وڌايا، ڪيترا!

●

هُو جو اڄ راهه ۾ وساريندا،
پيچرا پاڻ سان وٺي ويندا!

جن ڪڏهن اڌ وتو ڏنو ناهي،
هاڻ ڪاتي سي ميڪدا ڏيندا!

دوست! ڪهڙي هي دل نوازي آ!
جو وڃو ٿا عذاب آڇيندا.

تنهنجي جيءَ ۾ نہ جاءِ آ جانان!
ڪاتي رولاڪ ٽڪّ لاهيندا!

اُڀ تي هي سفيد بادلڙا،
رُڃ جي اُڃ ڪٿ اُجهائيندا!

تنهنجي سپنن جا ڪلهہ ٻہ تي ڦيرا،
منهنجي نيڻن وٽان ويا ڳائيندا.

تو نہ جاتو هو سنگتراش ميان!
هي پٿر پڻ خدا جيان ٿيندا!

●

من کي مات نہ ڏي سهٽي! مهڻن سان،
پنهنجو ناتو آ هر هڪ ڏڙڪن سان.

گهر جي آڳر تي نم جي وڻ هيٺان،
چو ٿي سينگارين تحفا رنگن سان!

سهٽو سهٽو آ يا هي اٽيو آ؟
نيڻن جو ويڙهو تنهنجي سپنن سان.

ڪنول ڪنول آشا منهنجي هيئين جي،
پل تہ لتاڙي وڃ اُجرن پيرن سان.

ڪئن تو درد لُڇي سانت جي سڏڪن ۾،
ڪئن ٿيون پيار ونديين چوڙيون ٻانهن سان.

هيڏي ديس اندر ’صفدر‘ ئي تنها،
رات ويو رُلجي ڏنڊ جي رستن سان!

●

احساساتي پنڇي وقلي هردي ۾،
بي چينيءَ جي باک ڦٽي ٿي سيني ۾!

رنگ رنگيلا سپنا ماک ڪٽي موتيا،
تو جو ڏِڳ پٿراءُ ڪيو هو رستي ۾!

ساري رات ستارا تنهنجي ڳولا ۾،
موتي موتي آيا تنهنجي تولي ۾.

بارش ۾ اڄ ڏوپ هُري تو لڳ لڳ جي،
آلو چولو تو تہ رکيو نہ جهروکي ۾!

هوءَ جا آرس موڙي، ڳاٽ ورائي ٿي،
شيشي جهڙو عڪس ڇپي تو شيشي ۾.

سانئڻ! مرڪي وياڪلتا جو ديس نہ ڏي،
تنهائيءَ جو شور ڏنگيندو ڪمري ۾.

●

نندڙاڪا نيڻ ها سامهون،
هُيا چڻ ديوتا سامهون.

صليبن ڏي چيڪي ويندڙ
اشارا چنڊ جا سامهون.

وري ٽڙڻ ڏئي وئي آ،
ڪري منهجي گلا سامهون.

هي تنهنجا ڳل ٽڙيا آهن،
يا آهن موتيا سامهون!؟

تڏهن پيي اجنبي هئاسين،
ٻنهي جا گهر هيا سامهون.

اسان جا هٿ خالي ۽،
اسان مجرم خدا سامهون.

●

جڏهن رات، ميندي تي مرڪي پئي آ،
تڏهن داوَ لئه دلڙي آڇي وئي آ!

ڪڏهن پنهنجي دل جي گناهن کان پڇجي،
اسان جي اکين جي اڳيان ڇو رئي آ!؟

اسان ٻي جنم لئه صليبون سجايون
اُها، ڇو ٻُڪيءَ ويل سُڏڪي پئي آ؟

هتن ساڻ دردن جي دوزخ ۾ اُڇلي،
اوهان ڇو حياتيءَ جي ڳٽتي ڪئي آ!؟

اوهان جون اکيون ٿيون ڇُڪيءَ تي ڇڪي ڏين،
مگر لوچ ڪيڏي نہ هيءَ اڻ مئي آ!

هوا جي هٿن ۾ ڏئي نيرو ڪاغذ،
ڇپائين تہ 'صفدر' چريي کي ڏئي آ.

●

ڪجھ سناٽو هيو ڏنڌ ڪائي هئي،
ياد تنهنجي لڙي ڪيئن آئي هئي!

پاڻ کان بي خبر، پاڻ کان لاپتا،
زندگي! توکان ڪٿ آشنائي هئي!

جي هيو چا هيو ڪجھ نہ هو ڪجھ هيو!؟
درد سان، موت سان بس لڙائي هئي!

ٻاٽ هئي، رات هئي، زندگيءَ جي اڳيان،
تو نہ تارن جي محفل سجائي هئي.

ڪالھ هُن جي تہ پنھنجن ۾ نالو هيو
اڄ الئہ ڇو گھٽي اوپرائي هئي!

تنھنجي نيڻن تي ڪھڙيون ميارون ڏجن!
تنھنجي ’صفدر‘ ۾ ڀي کوٽ ڪائي هئي.

●

خالي گھر مان، بند دريءَ ڏي جھاڙِي تي جھاتي،
ٽالھيءَ هيٺان جھيڙي خود سان جيئڙو جذباتي!

ساري عمر سياح رهي ڀي چين نہ ماڻيو مون،
تون پنھنجو هڪ ٽهڪ اُماڻي ڏيندينءَ خيراتي.

ڪھڙي ويل الائي تون مان سپنو تي وياسين!
ڪھڙي ويل جدا تي وئي هئي چاتيءَ کان چاتي!

آخر منھنجا نيڻ اُلھي ويا سج جي تابش سان،
تو بہ سڳنڌون سرچاڻ کان ڪيڏي ڍرَ لاتي!

چونئري تي بارش جي ڦڙ ڦڙ ڳائي تي سرگم،
هلڪو هلڪو سيءَ سياندو پاسي ۾ ياتي.

●

حسين تنهنجي مُک تان جا ڪلندي ٽڙي وئي،
اُها شام کهڙي گهتيءَ ۾ لڙي وئي!؟

اوهان مُرڪ جو مينهن هاڻي وسايو
حياتي جي ڌڏهين جلي جهوپڙي وئي!

بدن ۾ وري بيقراريون ٿيون ڳائن،
ملي چار پل هوءَ اجها ئي گهڙي وئي!

اُها ئي ته آ بُور بيزار باغي،
حياتيءَ جي جيڪا ڏني سوڪڙي وئي!

چنائين ته وکري وياسين پتن ۾،
سڏيائين، جواني ٻه ٻيهر مِڙي وئي.

گهري سي اسان کين ڳائڻ تو آڏو
مگر درد — وائي چپن تان چڙي وئي!

نه ٿيو پيار جانان جو ڪيلاش جو جلُ،
اميدن جي ساري خدائي سڙي وئي.

اسان يار رولاڪ جنمن جا ’صفدر‘
سڪي ڪاڪلن جي هٽي هٽ ڪڙي وئي.

●

اسان جي زندگيءَ تي بارُ تهمت جو
هلو تڪڙو ته تُربت تي پُڄايون سوا!

وٺايون ڪيترو ڪنهن کي بقا تائين،
نه رهڻو آ سدا سهڻو اهو چهرو!

خدايا! تون جو ايڏو درميان آهين،
ته ڇاٽيندو ٻه هوندين درد جو واڪو!

ٻه ٽي پل آرسيءَ ۾ ائن اکيون ڪوڙي،
پراٽي پيار جو ڳولي تي پاڇولو!

هجومن ۾ تڪيل هو شخص مومن دل،
ائين تنها اُجهي ويندو پتو ڪهڙو!

اکيون نمناڪين ۾ پيهجي ويون ٽئه،
دري کولي ڏٺو تو ڪانڌپو ڪنهنجو.

●

گهاوَ گهنگهرو ٻڌي ناچ ڳانو ڪجي،
عمر کي ڪيستائين يڳانو ڪجي!

شهر يارن جي ۾ پاڻ خانه بدوش،
اي هوا! ڏس ڪٿي آشيانو ڪجي!؟

چا ڪجي، بي وفا دوبدو ٿي پوي،
ڪيئن مرڪي ملڻ جو بهانو ڪجي!

هوءَ پرم جي پرڻ تي چڙي ٿي چوي:
’ٽڪرا ٽڪرا هي سارو زمانو ڪجي!‘

دل جي آڳر تي آسون عزادار هن،
عيد جي ڏينهن چا شادمانو ڪجي!

●

يجائي لڳّ بارش ۾
ٻُڏينءَ کهڙي خواهش ۾!

وڏو غوغاءُ تو ياسي،
چپن جي چپ لرزش ۾

اسان جا نيڻ رُلجي ويا،
الائي ڪهڙي سازش ۾!

اڃڻ تون ئي نہ ٿي چاهين،
يا آهين قيد بندش ۾!؟

ڳيا دل، جسم، چپ، اکيون،
رکيا تو لئہ نمائش ۾.

ڏسي سامهون، متئيہ رستو
سڙيا احساس آتش ۾.

مليا سي اوپرن وانگر،
تون مان بازار جي رش ۾.

●

ڇئہ نہ! چاڪاڻ چپ چپاتي آن؟
ڇئہ نہ جو ڪجھ چوڻ کان آتي آن!

آءُ احساس جي اُجالي ۾،
جيڪڏهن ياڳ! منهنجو ياتي آن.

شهرِ تهمت جي فنَ پرولُن کان،
چو کسيندي وئي حياتي آن؟

اوپرائپ جي سرد خيمن ۾،
تون تہ ورهين کان جڻ سجاتي آن.

جملي جملي جي جلد بازيءَ ۾
دل ڪٽيندي وجين تي، آن.

پريري تيءُ، پروتجي نہ وجين!
عشق جي آڳ کان اجاتي آن!

●

سڙيءَ دل جا پري ٻُجڪا، وجون ڪاڏي!؟
وسارينڊڙ حسين چهرا! وجون ڪاڏي!؟

نٿي سگهنديون اکيون آڪاس جو منظر،
او سپنا، سار جا سپنا! وجون ڪاڏي!؟

گهٽيءَ ۾ آ اُماوس جو لٽيل پاڇو
نہ جُوتي آ، نہ جلوو آ، وجون ڪاڏي!؟

اُڇاليو تا رڳو شيشا ۽ پٿر ئي،
اسان مٿيءَ جا رانديڪا، وجون ڪاڏي!؟

نہ تنهنجي شهر ۾ تنهنجي وجي پايل،
اسان سُر تار تي ورٽا، وجون ڪاڏي!؟

●

هلڪڙا ٿهڪ، ڪمرو ٽڏي روشني،
تنهنجي منهنجي اکين مان جلي روشني.

مان اُجالن جي ست ۾ هان ستجي ويو
آ جڏهن ڪان ملي پيار جي روشني.

تنهنجا منهنجا ملي جي ويا نيڻ ٻئي،
جذبا ٿهڪي اُٿيا ۽ نچي روشني.

ڪي پهرترسي گهر مان هلي جو وئين،ءَ
اُت اچا ناهه ٿي ڪا جهڪي روشني.

چنڊ ڪرٽا اُڏارا گهري تو پيو
تو جڏهن ڪان مُڪي آ سکي روشني.

پاڻ هاسين انڌيري جو گهر ڪو ٽُتل،
اڄ الئه ڪيئن اسان تي وسي روشني!

●

مان صديون جهاڳي پي تڪو ناهيان،
تون پهر پنڌ تي تڪي آهين!

ڏات کي نانءُ پيي ڏئي نه سگهين،
ايڏي تڪڙي وڃي رهي آهين!

تو اُجالا ڪيا نه جيون ۾،
ڪيئن چوان پو ته روشني آهين!

زندگي! مان اڪيلو هس بهتر،
مون سان چو ساٿ ۾ هلي آهين!

هي به منهنجي آ وسّ کان ٻاهر،
ڪين وڻندي، وڻي وئي آهين!

نيڻ منهنجا خمارجي ويا هن،
تون اکين ۾ ڳُڏي لٿي آهين!

سنڌ وانگي حَسينِ لڳندي آن،
اوڍي اجرڪ جو مرڪندي آهين!

●

بند دل جو ته در ڪري وينو
پاڻ کي آ پٿر ڪري وينو.

پرهه جي ماڪ پهتي نيڻن ۾،
درد ڪنهنجو حشر، ڪري وينو.

لڙڪ، يادن کان دوستي توڙي،
هيڪلو ئي سفر، ڪري وينو.

پاڻ خانه بدوش ئي آهيون،
پو به دل ۾ هُو گهر، ڪري وينو.

عشق جي آسمان تي پهچي،
پاڻ کي دربدر ، ڪري ويٺو.

توکي چاهڻ بہ بت پرستي آ،
ڪيڏو ’صفدر‘ ڪفر ، ڪري ويٺو!

●

آڪن جون ڦلڙيون اسان تہ ناهيون جو پونئر اُڏري اچن اسان ڏي!
اسان تہ آهيون اُماس رستا، چو پيرِ تنهنجا وڏن اسان ڏي!

اسان جي من تي وسي رهي آ، اجا تہ يادن جي برف باري،
اجا تہ پالها نہ غم کان آهيون، وري ٿا ماتم مُنجن اسان ڏي!

اسان نہ ڪنهن پي شمار ۾ هون، اسان نہ ڪنهن پي قطار ۾ هون،
اسان تہ ڪتبا قبر جا آهيون، چو نيڻ تنهنجا ڪڄن اسان ڏي!

اسان جو جيون نہ چيٽ ۔ لمحا، اسان جو جوين خزان جي موسم،
اسان ۾ ناهن سي رنگ ساڳيا، ڪئين پو خطڙا لکن اسان ڏي!

اسان اميدن جي قضيي جا تڏا وڇايل، اجا نہ واريا،
شهيد ڪنهن جي اکين جا سپنا، ڪٽي نہ ويتر اچن اسان ڏي!

اسان جا ميرا صبوح ساڳيا، اسان جي ڏنڌلي آ شام ساڳي،
اسان تہ رڻ ۾ هون توهرن جان، هي چاهتون ڪئڻ ورن اسان ڏي؟!

●

پوياڙيءَ جو پاڇا، گم ٿي ويندا هن،
من مان نڪري سڏڪا، گم ٿي ويندا هن.

هن جي من ۾ ماتم جا انبار ڏسي،
پنهنجي لب تان نوحا، گم ٿي ويندا هن.

هُن جا اُجرا خيال سمائڻ ويل سدا،
نيڻن کان بيا نقشا، گم ٿي ويندا هن.

جن تي هلندي پار پرينءَ جي ويندو هان،
هلندي سي ئي رستا، گم ٿي ويندا هن.

ساگر تي جو چُلندي آهي سونهن سندس،
ڪيئي ’صفدر‘ جهڙا، گم ٿي ويندا هن.

●

زندگيءَ ۾ رنگ پريا، ڪنهن طرح،
يار خوابن جا ٻه رلبا، ڪنهن طرح.

اڪ پُسائي، يا ڏئي ڪي ٿهڪڙا،
يارا! توسان سور سلبا، ڪنهن طرح.

دل لڳيءَ ۾ ڇا وڃايو آ اسان؟
وارتا جا باب لکبا، ڪنهن طرح.

شام پائي چيرڙيون پلجان نچي،
نيڻ پر آلا ئي رکبا، ڪنهن طرح.

تون ڏسي ساهمون، گهٽي قيري وڃين،
پو ٻه توسان نيڻ گڏبا، ڪنهن طرح.

●

شهر اونداهيون سنياري تو
ڪير مون ۾ ڏياتيون ٻاري تو!

آنءُ هُن جون تو ميڙيان يادون،
هُو تہ سارينديءَ پي وساري تو!

آنءُ قبرن تي پٿرن وانگي،
اڪ ڪٽي چو نہ هُو نهاري تو!

هيءُ لهرن جو قافلو مون کي،
يار جي پار ڏانهن اُڪاري ٿو.

منهنجي من جو تتل قتل پيڙو
تنهنجي نيڻن جي لهر ساري ٿو.

●

هي جنم دوست! تنهنجي ياڪر ۾
چڙ ته آهيون خدا جي ئي گهر ۾.

درسني سامهون ويهي ڳُت ناهيئه
ڪيڏي خوشبو سموئيـ ور ور ۾!

هانوَ هرڪي سنپاريو توکي،
ڪالهه آڙيون لٿيون ٿي منجهه ۾.

آس هرڪا بهار ڪيئن ماٺي؟
تو بنا دل لڳي نه ٿي ترَ ۾.

هوءَ مالهڻ رُسي وئي آهي،
ڪير موتيا لڳائي آڳر ۾.

مون ڏنو ڪالهه درد جي رڻ ۾،
رنگ ڪوئي هيو نہ ’صفدر‘ ۾!

●

چئجوس اکين جي ماتم تي،
چو واءُ ڪلي تو رقص ڪري!

چئجوس تہ موتي روليندي،
مون مات ڏني آ بارش کي.

چئجوس وفائون ووڙيندي،
ڪلهه چنڊ ڏنو چوراهي تي!

چئجوس پيئڻ جي آس رکي،
ڪو ٻوڙيو شخص درياهن ڏي.

چئجوس وڇوڙو غم، ڳوڙها،
چا چا نہ ڏنو آ ترَ پنهنجي!

چئجوس تہ گيتا - ورقن جان،
هر روز چمان تو خطڙن کي.

چئجوس هوائن سان هڪلي،
ڪا تات وڃي تي تڙپائي.

●

پاڻ    ڪنهن    صف،    نہ    ڪنهن    نشان    ۾    هون،
هِن    جهان    ۾،    نہ    هُن    جهان    ۾    هون!

اڌ    صدي    زندگيءَ    جي    گذري    وئي،
پر    اجا    تانءِ    امتحان    ۾    هون!

ڪير    ڄاڻي    تہ    پنڌ    آ    ڪاتي؟
پاڻ    رمتا،    زمان    مڪان    ۾    هون.

هونءَ    تہ    سارو    نگر    هيو    پنهنجو
رات    ڀُلجي    لٽا    اوهان    ۾    هون.

هونءَ    تہ    هر    دل    وساريو    آهي    من!
تنهنجي    ئي    بس    رڳو    ڌيان    ۾    هون.

●

ٽورو    ٽڪي    ڏٺائين،    هلندي    رهي    گهٽيءَ    ۾،
مٽيءَ    جو    آدمي    هو    رلبو    ويو    مٽيءَ    ۾.

هُن جو حياءُ مُرڪيو سانجهيءَ ٽڙي پيا نغما،
گم سم ڪري وئي آ با ضبط عاشقيءَ ۾.

مدت ڪان پو هُن جي چهري تي نيڻ ترسيا،
ڪيڏو فريب پرتيل هو هُن جي سادگيءَ ۾!

ڪجهه ڳاءِ هوري راڳي، موهن پئي نه جاڳي،
ڪا چلولائي ناهي، بي رس ناچڻيءَ ۾.

تمڪيا ڳلن تي ڳوڙها، وڪري ويس پڌر ۾،
ڪيڏي سنيار آئي، رُلجي اڀوجهه جيءَ ۾.

●

مينهن وارين موسمن جو رنگ هو
يا اُڏيو تنهنجي بدن جو رنگ هوا!

شعر هو ، ٻـڙڏاڪ هو ، مـاتام هـو
تنهنجي منهنجي فاصلن جو رنگ هوا!

نـرم سپـني جي تـڏيري شـام جـو
تو اچي ريـتيـو اکيـن جو رنگ هوا!

يـاد ۾ جا تـازگي هئي پيار جي،
تو سان گهاريل ٻن پلن جو رنگ هوا!

ڏات ۾ توري ٻه چنچلتا هئي،
تنهنجي منڙن ٺهڪڙن جو رنگ هوا!

سونهن جي بازار ۾ هر چيز ڪان،
چو وٽيو ميرن لٽن جو رنگ هوا!

پونمي ڪنهن پهر ۾ ، پولار ۾،
چنڊ ۾ تنهنجي چپن جو رنگ هوا!

●

پوپاڙيءَ جا پل! اسين آواره هون،
ڪنهنڪي آڇيون ڳل، اسين آواره هون!

ايئن ته پيچو ڪر نه اسان جي آهٽ جو
خوابن جا قاتل! اسين آواره هون!

پاڻ وٽايو آ نه مستن محفل ۾
اي مسجد، مقتل! اسين آواره هون!

هاڻ نه ايندو ڪو ٻه پوپٽ جان هرڪي،
جوڙ سڳيءَ ۾ ڳلَ، اسين آواره هون!

جنمن تائين پياس هيءَ مرٽي ناهي،
* اي توپيءَ جا جل! اسين آواره هون!

●

* توپي، هڪ پهاڙي جو نالو؛ ان جي پير ۾ توپي تلاءُ يا سَرُ.

عجيب فاصلو آهي، سفر ڪُٽي ئي نہ ٿو
ڪُٽي نگاهہ وڃي ٿي، نگر ڪُٽي ئي نہ ٿو!

اوهان جي سونهن، ازل جي نهار مئنوشي،
ڪُٽي حيات وڃي ٿي، اثر ڪُٽي ئي نہ ٿو!

سڙيءَ دل جي ڪٽي راڪ لُوڙهجي ڪاٿي؟
رڳو گهٽيون ئي گهٽيون هن، شهر ڪُٽي ئي نہ ٿو!

ذري ذري جو اکين سان حساب ڏئي وياسين،
تڏهن بہ يار اوهان جو جبر ڪُٽي ئي نہ ٿو!

رُلي رُلي ٿي چوي اُپ تي تتر ڪرڙي:
’انهيءَ سنڌ وطن جو تہ برُ ڪُٽي ئي نہ ٿو!‘

اجا اکين ۾ ٻرن ٿا ڪي آڳ - اُولانبا،
اجا بہ جاڳ جو ’صفدر‘ ڏمر ڪُٽي ئي نہ ٿو!

●

رنگ، خوشبو ۽ شام سرمائي،
ياد ڪنهن جي سان دل آ بهلائي.

مون چيو: پيارِ جام نيٽن جو
هوءَ وهڻ جو وتـو پـري آئي.

تنهنجي هٿ جي ڇهاءُ بن وڪريل،
ڇڳ ڇهري جي ڪنهن نہ سُلجهائي!

انتظاريءَ جا پل اڪين ۾ ها،
شاهه ـ وائي تو ڪيئن ورجائي!

عمر ساري نه جا سگهي نبري،
واڪ اهڙي وتئه چو سودائي!؟

وقت مرڪي اڪين جي ماتم تي،
پئي وڄائي آ روز شهنائي!

هر ارادو ڪفر نه آ قاضي!
هر ارادي ۾ ناهه پاڪائي!

چنڊ چالئہ اکيون ڪيون آليون،
ڳالهه ڪهڙي تو دوست دهرائي؟

خالي ترماس، ڪپ ۽ چوبولو
شام ڪن پل مون ياد ترسائي.

تون حجابن جي اوٽ ۾ مرڪينءَ،
مون بہ ديدن سان ديد اتڪائي.

●

هوري هوري هُو ياد آيا ها،
هوري هوري خمار ڇايا ها.

هوري هوري مون پاڻ کي سمجهيو
هوري هوري تو رخ مٽايا ها.

هوري هوري مون پنک کوليا ها،
هوري هوري تو ضبط آڇيا ها.

هوري هوري تون دل ڪٽي بہ وئينءَ،
هوري هوري مون غم پرايا ها.

هوري هوري تو سونهن جا سرگم،
هوري هوري مون عشق ڳايا ها.

هوري هوري تون خواب ٻڌجي وئين،
هوري هوري هي نيڻ نايا ها.

●

ڪو رئو روڊ سان گهلبو ٿو وڃي،
ساهه تنهن جي پنيان گهلبو ٿو وڃي!

روح هُن جي ٻُڪن منجهه رهجي ويو
جسم شمشان ڏان گهلبو ٿو وڃي!

هو ستارا چڙهي چنڊ جئن جو وريو
ڪو ڪوي هورڙيان گهلبو ٿو وڃي!

تون وڃين ٿي ڪنيون ڪائناتون سيئي،
هر حسن تو پنيان گهلبو ٿو وڃي!

پاڻ 'صفدر' ڏسون ٿا تماشو پيا،
وقت پنهنجي اڳيان گهلبو ٿو وڃي!

●

اڻ رتا خواب ميڙي ميڙي مان،
تي سرءُ جي ويو ها موسم جان.

توکي کهڙي خبر، غزل جهڙي!
ڇا سَتو آ مون واڳجي توسان!

خالي خالي اکين جي آڳنڊ تي،
خواب ڪنهن ڪنهن جا يار پوکيان مان!

دير سان توڏي مان لڙي آيس،
تو تہ جهٽڪي ٽُڏي ڇڏيو در تان.

هُن ڇپن کان ڇني ڇيو تہ نہ پيءُ،
مان پو سگريٽ ڪئن دُکايان هان!

مون تہ انگ انگ پچايو گنگا ۾،
تنهنجي خوشبو وئي نہ لڳّن مان.

هونءَ رُنيونءَ تہ مات ئي نہ ڪيئہ،
مان رُنس، پوءِ چُپ ڪيئہ چاڪان!

اجنبي آرزوءَ جي پاڪر ۾،
تنهنجو شاعر سُتل آ سالن کان.

اُٺ اکيون کول، ٻُڏ پريان 'صفدر'
چير ڪائي سڏي تي نم هيتان.

●

جنهن پل ترسي تو تہ پڇيو: ’ڪاٿيئہ ڪيئن اڪيلائي؟‘
تنهن پل مرڪي مون بہ چيو: ’يادن سان دل بهلائي!‘

جنهن پل ترسي تو تہ پڇيو: ’مينهن ڪٿيون پيي برسائيہ؟‘
تنهن پل مرڪي مون بہ چيو: ’جنهن دم تنهنجي ياد آئي!‘

جنهن پل ترسي تو تہ پڇيو: ’نيٽن منجهہ لڪايئہ ڇا؟‘
تنهن پل مرڪي مون بہ چيو: ’تولئہ سپنا سرمائي!‘

جنهن پل ترسي تو تہ پڇيو: ’شهر ۾ ڪيڏا رنگ هيا؟‘
تنهن پل مرڪي مون بہ چيو: ’توبن سُڃ ۽ صحرا ئي!‘

جنهن پل ترسي تو تہ پڇيو: ’ڳوناٽو ماحول وڻيئہ؟‘
تنهن پل مرڪي مون بہ چيو: ’تنهنجي ئي بس سادائي!‘

●

مون عشق چميو هيڪر جو آ،
تو نانءُ ڏنو منڪر جو آ!

ڪا سونهن نہ مونجهہ مٿائي ٿي،
چرچو تہ وڏو بازر جو آ!

هُن گهاٽ جو منظر سوڳ ۾ آ،
جت لاش پيو بي گهر جو آ!

مون پاڻ ڪنيون هي رولاڪيون،
ڪو ڏوهہ نہ دل مقدر جو آ!

تيا ڳوڙهن سان تر منهنجا ڳل،
اُلڪو جو اٿيو دلبر جو آ!

تو ٿهڪ ڏنا، جلترنگ وڳا،
ڪو مور نچي پيو ٽر جو آ!

مان چنڊ جو پنڌ ڪيان ته ڪيئن؟
رستو ئي ڏکيو امبر جو آ!

ڳجهه ڪول نه ويهي صفدر سان،
جو رولُ اِهو گهر گهر جو آ!

●

پڙهي ڪنهنجو ڪتبي مٿان نانءُ، من!
چو تنهنجو جهجي آ پيو هانءُ، من!

جلادن جو ڪوئي نه غم تو ڳُهتي،
هي مقتول بڻجڻ ته هو ڏانءُ، من!

تو رابيل ٿاهي پنن تي مُڪا،
ته خوشبو سان مهڪي پيس آنءُ، من!

لکياسين صحيفا اُجن جا تڏهن،
پريو تو نه خالي هيئين – ٿانءُ، من!

هي تنهنجي اکين ۾ ڏياتيون ڏسي،
آ ’صفدر‘ لٽي آيو تو ڏانءُ، من!

●

ڪاغذن جا ڪجهه ڪنول، شو ڪيس ۾،
ڪوڙ رانديڪا ٽُٽل، شو ڪيس ۾!

ڪيرُ آيو خالي گهر ۾ دير سان،
۽ رکي ويو چار گُل، شو ڪيس ۾!

ڪيتري مون چاهه سان سانڍي رکيا،
تنهنجي يادن جا ڪي پل، شو ڪيس ۾!

تو وچوڙي جو ٻُڌي ٽوڙي چڏيون،
اڄ ٻه سي چوڙيون ٽٽل، شو ڪيس ۾!

ڊائريون، ارمان ۽ سپنا دزيل،
ڪجهه اڌورا هن غزل، شو ڪيس ۾!

ڪيڏي رونق ٿا ڏين شو ڪيس کي!
تنهنجي وارن جا ٻڪل، شو ڪيس ۾!

•

ڪيون پيي ارپنا ڪئن گيت سانجهيءَ ڪي،
جهنجهوڙن ٿيون اميدون اڻ لکيون جيءَ ڪي!

ڏنائين نانءُ آزادي ۽ تهذيبون،
اسان چاهي ڏنو بدلي ۾ ڏرتيءَ کي!

لڳي تو هوءَ ويئي چنڊ جي پويان،
نه ٿي کُولي هوا چو بند ڪڙڪيءَ کي!

اسان جي ڏات وهنتي اج نه رنگن سان،
اُڏايو تو هوا ۾ چو نه چنريءَ کي!

اکيون ڪيڏيون نه آهن بي چيون منهنجون،
پيون ڳولين پري بازر ۾ سرتيءَ کي!

سهيلي شال تنهنجو بخت ٿي اجرو
پري ڏي دانُ مرڪن جو ڪو جوڳيءَ کي.

•

چيائين، اُماٽي نه ڏي زرد موسم،
چيم: تو ڏنو آ ڪٿي دل جو عالم!

چيائين، اسان جي نصيبن ۾ چاهي؟
چيم: رول سپنا، وڃوڙا ۽ ماتم!

چيائين، سُڪل گل پني تي نه تاهيو.
چيم: پاڻ وٺ پيو رکيو چاهي جانم!

چيائين، تہ سُلجهاءِ هيءَ مام من جي،
چيم: زندگيءَ جي نه آ سُرت سالم!

چيائين، اوهان ۾ نہ آ هيل خوشبوءِ،
چيم: تون نہ آئينءَ چيٽن ۾ جانم!

چيائين، تہ 'صفدر' اجا ماٺ آهين!
چيم: خواهشن جو اٿم بارُ بالم!

•

هيءَ ٺڏي رات آئي آ سپنا کنيون،
تون وڃين ٿي متي! چو انڌيرا کيون؟

روشنين تي اگر کي چڙي بحث پيا،
ياد ايندءِ پو منهنجون اکيون بي چيون.

چنڊُ،محفل، نظم، رنگ، خوشبو سُتي،
دل جون تارون مگر دير تائين وڳيون.

مون تہ سانجهيءَ جي ميراڻ ويڙهي رکي،
تون اجا ٿي اچين رنج دل ۾ رکيون!

درد، الزام، رستا ۽ ديوانگي،
پر ۾ ايندي هوائون چو جهيڙين پيون!

مان بہ دامن جهلي دانُ وتندو رهيس،
تون بہ ڏيندي رهئينءَ ماتمي محفلون.

کيستائين پيلا جگمگائينديُون؟
چار سو دل اندر سار جون روشنيون!

•

سوَ ٻارِ ڏياٽيون تون گهر ۾،
پر شعاءُ نہ ٽيندءِ مقدر ۾!

هي نيڻن – ويڙهو خالي آ،
سپنا ويا اُڏري اوٽر ۾.

اڄ مان نہ هوا سان ڳايان ٿو
اڄ ويگ نہ هو چو پيڪر ۾!

هُن چانڊوڪيءَ جا ڳل چمي،
يرا! چنڊُ لٽو آ آڱر ۾.

مان رول، فضائون، غم، بادل،
ڪا ياد ڪِڙي آ بنجر ۾!

من! تون نہ ملينءَ ڪلهہ چيٽن ۾
اڄ موهہ نہ هو ڪنهن منظر ۾!

چو جام هٿن ۾ ڇُلڪي پيو؟
پڪ سونهن لُڇي آ بازر ۾!

•

ور ور ڏيئي وار ورايئہ،
ڇهري تي ڪو چنڊ ٽڪايئہ،

آشائن جون شامون ٽنڊليون،
ڪين هوا ۾ رنگ اُڏايئہ!

تون مان ڪمرو ٿڪ ڪوبتا،
پيار - پُڇا تي جهٽ شرمايئہ.

آڙيون اُڏريون، ياد هُري پئي،
رات نئون ڪو گهاءُ لڳايئہ!

پيڙائن جو شهر لتاڙي،
يار اسان جي ياد نہ آيئہ!

ان ۾ منهنجي بخت جي خوشبو
چار گُلاب پني تي ناهيئہ.

بي تابين جا لمحا جاڳن،
ڪين ڪڏهن پر دَرُ کڙڪايئہ!

•

ياد تنهنجي هوا ڪسي ويندي،
رات تئن تئن اماوسون ڏينديءَ!

مون نہ جاتو ڪا منهنجي رستن تي،
منهنجون آوارگيون بہ ميڙينديءَ!

نيٺ رڻ جي اُداس وادين ۾،
سونهن تنهنجي بہ پرجهلو ٿيندي.

مون نہ ساپيا جي آ چُمي چائنٺ،
خواب چالئہ وچين تي چونديندي؟

دل وڃي تي مسيح نيڻن ڏانهن،
پاڻ سان درد پر ڪنيون ايندي!

چانوَ تنهنجي ملي نہ ٻانهُن ۾،
هيءَ جواني وڃي تي جهيڙيندي!

اڻ لکو آسرو پيو جاڳي،
نيٺ ايندي فضا ۾ ڳائيندي.

تو بنا بي وسين جي هيءَ آنڌي،
منهنجا هڙ خواب پاڻ سان نيندي.

منهنجي اٽيي وري ڪِڙي قسمت،
تو هٿن لئہ پُسائي آ ميندي!

•

چڏيون تي وڃي رُت هڳائن پريءَ کي،
ڪئين يارا سمجهائجي دل چريءَ کي!

اجا ڪيپ پنبڻين ۾ اٽڪيا پيا هن،
ڪڏهن تون نہ کوليندينءَ بند دريءَ کي!

اوهان جا حسين ٿهڪ ناهن اسان سان،
نئون رنگ ڪهڙو ڏيون شاعريءَ کي!

جتي تون ءِ مان، سرد لفظن جي جهومر،
سنياري ٿيون شامون انهيءَ جنوريءَ کي.

پريان چنڊ ميرانجهڙو تي ڏسي تو
چُمن ٿيون هوا ۾ چڳون سانوريءَ کي!

•

اوهان جيئن پروڙيو هي ايترو نه هو
ابوءِ! يار هي ’صفدر‘ گهٽو برو نه هو!

ڳنڍي تون ڪيئن پو ڪاشي ڪي چٽ لڳائين ها،
جسم هزار رتيون هو ڪو هڪ ذرو نه هو!

اسان به لڙڪ سنيالي رکيا ڪفن جهڙا،
اوهان جي هيل اڇڻ جو به آسرو نه هو!

ڪڏهن ڪٽيون ته ڪڏهن هو وري سمونڊ جيان،
اوهان جو پيار اسان لاءِ هڪ ڪرو نه هو!

سمورو شهر سُتو سانت جو وڳو ويڙهي،
اکين ۾ پو به سُتو تنهنجو تونڪرو نه هو!

گهٽيءَ ۾ ايندو ڏسي ءِ چڏيئه رئو ويڙهي،
گناهگار هو ’صفدر‘ ڪو اوپرو نه هو!

•

جڏهين ٻه رڙهي آيو هان، تو دور رکيو آ،
مان چنگ چڙي آيو هان، تو کو نہ ٻڌو آ!

آنءُ اجا خواب جي ساپيان نہ لتاڙيان،
جڏهين ٻه ٽڙي آيو هان، تو کو نہ ڇُهيو آ!

آنءُ اجا سيڻ هوائن ۾ نہ روليان،
جڏهين ٻه لڙي آيو هان، توکي نہ ڏٺو آ!

آنءُ اجا مَنڊ جي مستي نہ ڇهان هان،
جڏهين ٻه کِڙي آيو هان، توکي نہ پسيو آ!

آنءُ اجا روشنيون نيڻن ۾ سجايان،
جڏهين ٻه سڙي آيو هان، تو درد پريو آ!

آنءُ اجا پاڻ کي ويراڳي نہ ڀانيان،
جڏهين ٻه مڙي آيو هان، تو پورَ کيو آ!

•

پاڻ ئي منزل پنهنجي پاڻ ئي رمتا آهيون،
کو خريدي تہ ڏسي، کيترا سستا آهيون!

نيڻ مڌرا جو کڙيا، هوش مان جوش ويا،
سونهن گهايو تہ گهٽو پو ٻہ امرتا آهيون.

نينهن جي نينڊ ملي سيسُ مقتل تي رکيو
عشق آدرش ڏنو رول تي نڪتا آهيون!

ٿورڙي مڌماتي اڌ ڇُڪي ٻي پي ڏي،
پاڻ کن جنمن کان هيل ئي پرتا آهيون.

تون نهارين ٻه نٿي، دانُ آچين ٻه نٿي،
ڪي ڪٽا قربن ـ ڏي موهه جا منگتا آهيون!

پير پايل ۾ جڙي، چنڊ سان آءُ هلي،
تون لتاڙي ويندينءَ، پاڻ ته رستا آهيون!

•

اکين سان مَڌ ڇُڪي ڪٽي ڏنائين پي،
نهار جي ترار سان ڪنائين پي!

اسان جي دل سان واسطو رکيائين پي،
اسان کي پو شمار مان ڪٽائين پي!

وجود کي وٺي ٽُڪر ٽُڪر ڪري،
ڪلي ڏڱن تي خار کي رکيائين پي!

اٻوجهه دل جان ڪيتري آ سادڙي،
نٽائيندي اويلا غم سليائين پي!

ڪڏهن ڀنيءَ جا هڳاوَ آچيئه،
وري اُڪار مند ۾ چنائين پي!

سفيد ويس ۾ ڊڪيل ڪِويئڙو
ڏنائين پيي، رُنائين پيي، چميائين پيي!

وڇوڙو ناهه دائمي چيائين پيي،
وڏين اکين ۾ لڙڪ کي رکيائين پيي.

•

توڏي لڙي جو آيس، گُهوريو هو تو غُصي ۾،
رستا وٺي پو آيا، اڌ رات ميڪدي ۾!

هاڻي حيات پنهنجي رنگت وکيري سائنڻ!
جوين ويو وهامي، تنهنجي ئي آسري ۾!

هاڻي تہ آءُ جانان! ڪجھ ڪيپ جاڳ ۾ هن،
ڪجھ ڪجھ دکي رهيو هان برسات جي ڳڙي ۾ !

سڀ واس ون اڏاري، ورهڻ جي وئي آ آنڌي،
تون ٿي وجهين نموريون، مرڪي اجا متي ۾!

ڪچڙي وهيءَ جا سپنا، ٿي چُور چُور ويا، يـرا!
هوءَ جو ملي اسان سان، اج ماتمي وڳي ۾!

تنهنجي اکين ۾ ’صفدر‘، جنمن کان آهه ترسيل،
روئندينءَ تہ ويندو وکري، ڳوڙهن جي وهڪري ۾.

•

ڪو چرڪندڙ هڳاءُ هو اويلي عاشقيءَ جو
گهٽين ڪي بس پتو هيو اسان جي بي خوديءَ جو!

ڇڙي پئي آ چيٽ جي اداس رت ۾ بانسري،
ذليل ٿيندو ٿو وڃي سفر هي زندگيءَ جو!

هوا! جڏهن بہ هوءَ ملي، پڇا ڪجان ڇا مام هئي؟
ڪويءَ جي جهول ۾ رکيو اوهان ڇو گل سڳيءَ جو؟

عبادتن جي ويل هئي، مندر ۾ تي ٻريو ڏيئو
يا هلڪڙو شعاءُ هو ڪنهن ڪيرڙيءَ وهيءَ جو!

پتائي! تون ڏسين پيو تماشبينُ ڪو نہ هو
نہ ناچڻي جو ناچ هو قتل هو آدميءَ جو!

ائين نہ رُچ! اُچ ڏي، گهڙي لئہ ميڪدا تہ ڏي،
اڙي! اُجارو مور هان، ڪراڙ جي ڪنڌيءَ جو!

•

هيءُ سارو جهان تنهنجو هو
هڪڙو صفدر ڇو ڪانہ تنهنجو هوا!

تو ڪنيا نيڻ بتڪدو تي ويس،
ڪو گڻو ڪين ڪانُ تنهنجو هوا!

پنهنجو ڦٽ پاٽ آستانو هو
راحتن جو مڪان تنهنجو هوا!

مان اڪيلو ۽ تون پريل گهر ۾؟
تو ڇيو، امتحان تنهنجو هوا!

تون سجاڳي نہ ڇو سگهي آهين؟
دل تي گهرو نشان تنهنجو هوا!

مان بہ تنهنجي هيس غلامن مان،
ڇو نہ مون ڏي ڌيان تنهنجو هوا!

انتظاري ڪئي نہ تہ تنهنجي؟
هي اجايو گمان تنهنجو هوا!

تنهنجو ئي جي گدا، خدا تي ويو
پو بہ هي شانُ مانُ تنهنجو هوا!

•

رنگ ريتا پرين، واهه منظر ها ڪي،
تون نہ آهين تہ ڇا نانءُ ڌيان عيد ڪي!

رات جي سانت ۾ نيڻ ڇُلڪي پيا،
ڪنهنجي ڇيرن جي مدهوش آلاپ تي.

اي هوا! ياد هُن جي سهيڙي نہ گهلُ،
آنءُ ڪاڏي ڪيان هيڏي مانڌاڻ ڪي!؟

تنهنجي آسيس لاهيون تہ لاهيون ڪٿان؟
تنهنجي تصوير ۾ رنگ ناهين اُهي!

آءُ تون، آءُ تون، آءُ تون دلربا!
تون اچي لوچ کي توري ماتار ڏي!

هيڪلو آنءُ جهيڙيان پيو درد سان،
هيئن ٿي، هونءَ ٿي، ڇا چوان ڇا نہ ٿي!

نانءُ هُن جو گلابي ڇپن سان ڪنيئہ،
هُو گداگر منجهان اڄ خدا ٿو لڳي.

•

سڪي! پيڙ ڪيڏي سوائي هئي،
لڙي ڪا خوشي گهر نہ آئي هئي!

اُٿيو ڪرُ ڪٽي درد ورهين ڪان پو،
تہ ڪوئل وري لات ڳائي هئي.

ڇو ايڏي وٽي پئي ڇري ڇوڪري،
پٽائيءَ جي چڙ هوءَ وائي هئي.

اسان پيا گهٽا ڪم سنڀاليون ها ڪٿن؟
تو يادن ڪان ڪٽ واندڪائي هئي!

نوان رنگ برڪا جي رُت ۾ تہ ها،
مگر پنهنجي حالت اُهائي هئي!

گهڙي لاءِ ڪي نيڻ ها درميان،
گهٽي پو ڏکهي هيڪلائي هئي!

اوهان رنگ هوليءَ تي هاري ڇڏيا،
اسان عيد سُڏڪي ملهائي هئي!

•

آس جي جهوپڙيءَ ۾ ويٺو هس،
تون وئينءَ، ڏرتتيءَ ۾ ويٺو هس!

آرسيءَ ۾ ڏٺم، جو جوڀن کي،
هاءِ! مان اڃا صديءَ ۾ ويٺو هس!

تو ته اک ٽيٽ پئي ڪئي در مان،
آنءُ تنهنجي گهٽيءَ ۾ ويٺو هس!

تو ته رنگتون پئي ورهايون، مان –
بس اُجهاڻو رئيءَ ۾ ويٺو هس!

مان مسافر، ته شهر – جانان جو
ڪٿ نه ڪنهن ٻي گهڙيءَ ۾ ويٺو هس!

تو ته مرڪي نه هو ڏٺو مون کي،
مان جهليو گل، ڳليءَ ۾ ويٺو هس!

ڪالهه هُن جو ۽ اڄ الائي ڇو
مان صفِ اجنبيءَ ۾ ويٺو هس!

•

بنا سڏ، غم تي ته آيو هيو
'صفّدر' اڃا ٻي پرايو هيو!

ڏنائين پڙهڻ لاءِ پنهنجون اکيون،
خبر ناهه ڇا مون پرايو هيو!

هوائن ۾ آهٽ آ ڪنهنجي لُڇي،
هي ڪنهنجو الائي تہ سايو هيو!

ٻڏائيندي سڀ ڪجهہ ٻڏايو نہ تو
تو چا چا اکين ۾ لڪايو هيو!

اوهان نيڻ آلا ڪري چو ڇڏيا،
اسان گيت اهڙو نہ ڳايو هيو!

•

صديون هجي ها جيون، لمحو هجي نہ ها،
تون مان هجون سفر ۾ ٻيو ڪو هجي نہ ها!

تنهنجي مون گفتگوءَ ڪان، آ گفتگو سکي،
تون جي هجين نہ ها ائن لهجو هجي نہ ها!

هرگز لڙهي وڃن نہ ها سپنا اکين منجهان،
ڳوڙهن کي يار جيڪر، رستو هجي نہ ها!

تو ياد جي هجي ها مشعل نئين نئين،
تنهنجو هجي تصور، پاڇو هجي نہ ها!

هُن کي ڇڏيان وساري ممڪن لڳو پئي،
پر دلربا جي دل جي ويجهو هجي نہ ها!

تون جي ڪسين نہ ها هي جوين جي تازگي،
ماتام من اندر ۾ ايڏو هجي نہ ها!

شايد اسان جي لئہ هُن ٻاري رکيون اکيون،
نہ تہ راهہ ۾ ڪو ’صفدر‘ شعلو هجي نہ ها!
•

تربتن جا ڏيئا ۽ مسافر اسين،
سارڻ ڳوڙها، هوا ۽ مسافر اسين!

درد جي سانوڻي ۽ اُٻاريل خوشي،
هر ڏسا ڪربلا ۽ مسافر اسين!

نيڻ ڪارڻ جي زلزلن ۾ رُلن،
خواب ڪي اڻ لکا ۽ مسافر اسين!

خالي خالي قبر، نانءُ ڪتبو ڪوي،
رول گلڙن پتا ۽ مسافر اسين!

چيٽ جي چاندني، اڻ تٽون، آسرا،
سار جا پيچرا ۽ مسافر اسين!

جيءَ جي جهوپڙي سانجهہ پيلاڻ جي،
يادگيريون ڪلا ۽ مسافر اسين!

هلڪڙا ٺهڪڙا پو ڏکها سڏڪڙا،
ٿورا نيڻن نشا ۽ مسافر اسين!

چاندي چاندي چڳون، زندگي عارضي،
ماتمي قافلا ۽ مسافر اسين!
•

چنڊُ، پاڇا ۽ هي رستا آواره،
مون جيان ڪير پيو آ، آواره!

ٽورڙو مون سلاسو پيتو آ،
خيال آهن سمورا آواره.

اڄ نٽي هوءَ پلا سجاٽي ڇو؟
پنهنجي سنهڙي گهٽيءَ جا آواره.

رات ڪئن راهه ۾ مليا ٻڪجي!
سپنا تنهنجا ۽ منهنجا آواره.

هوءَ ايندي نه، بانسري بند ڪر،
ڳاءِ هاٽي نه چورا آواره!

سونهن تو وٽ پناهه چاهن ٿا،
عشق وارن جا جذبا آواره.

واءَ ۾ ڪيئن وکري تڙپن ٿا،
ٻن اکين جا هي ڳوڙها آواره.

ها 'صفدر' اڳي ائين ته نه ها،
منهنجي جوين جا جلوا آواره.
•

تو جو مون ڏي اڇڻ گهٽايو آ،
ساهه مون پي ڪٽڻ گهٽايو آ!

تو جو موتيا مروڙي اڇليا هن،
شبنميءَ ۾ وسڻ گهٽايو آ!

ڪالهه ڪان ڏاڪڻي دري آ بند،
چنڊ بيهي تڪڻ گهٽايو آ!

هُن ته ڪنهن کي دعا ۾ پاتو آ،
مون ته مندر وڃڻ گهٽايو آ!

مان ته ٻڌجي ڪو ٻتڪدو ويو هان،
هُن ته دل ۾ رهڻ گهٽايو آ!

عشق آوارگيءَ جو نانءُ ڏنو
تو ته ’صفدر‘ سڏڻ گهٽايو آ!

•

هڪڙو پٿر هيو، هڪڙو پڳوان هو
کهڙي پڌتر ۾ منهنجو هي ايمان هوا!

ڪنهن ڪنڌيءَ تي پُڃائي چڙهيو چا پتو؟
سونهن! تنهنجي صفن ۾ ثنا خوان هو.

تنهنجو پاڙيسري، پيار پوڄا جو گهر،
تولئه هڪڙو برو سو ئي مهمان هوا!

هُن پٿر تي هنيا، ڪنهن نه سجدا ڪنيا،
ياخدا! ڪير ڪنهن تي مهربان هوا؟

تو ٻڪيءَ ويل سڏڪي ڏٺو چنڊ ڏي،
ڪيترو اُڀّ جو ويڙهو سنسان هوا!

تنهنجو ’صفدر‘ هيو شهر ۾ لاپتا،
توڙي ڏاهو هيو پو ٻه نادان هوا!

•

ڪيترا پڻَ چٽندا املتاس جا،
واءُ ڳائي نتي گيت اخلاص جا!

ڪير ڪيڏوٽا گهر ۾ رکي آ ويو،
منهنجي ماضيءَ جا، منهنجي احساس جا!

نينهن توڪان ته نيجي سگهيو ناهه ڙي!
آنءُ رستا چڙيا عام جا خاص جا!

چنڊ ڏياريءَ جو هو اڱڻ ۾ لٿو
پو ٻه اوندهه ۾ ڏيئڙا هيا آس جا!

ٻي جنم جي ٻه توکي حياتي ڏيان؟
تو جو ٽڪرا ڪيا منهنجي وشواس جا.

چانڊني رات جو شخص ميرانجهڙو
ڪيئن ٿهڪا وٺيا توکي بنواس جا!

فرش تي برش آلهن ڪندا ڪيتري،
رنگ اٽيا، قتل روح ڪينواس جا!

هڪڙو ’صفدر‘ چڏيئه اڻ رتو روح ڪان،
کوڙ من واسيئه هونءَ پر پاس جا!

•

چپُ چَڪيندي، مرڪ مروڙيندي، ايڏي ڪاوڙ!
گُل پٽيندي، مهڪ مروڙيندي، ايڏي ڪاوڙ!

سامهون ايندي، بنجر نيڻن ڏي گُهوري،
جهٽ پٽ جانان! جهلڪ مروڙيندي، ايڏي ڪاوڙ!

خط هو ، يا هو ، منهنجي دل جو اڌ پاسو
لفظ هڳائون، ورق مروڙيندي، ايڏي ڪاوڙ!

پيرن کي تون ماڪ مَلي پهتينءَ ڪٿي؟
او شرميلي! چرڪ مروڙيندي، ايڏي ڪاوڙ!

ايئن نہ وسريو هوندس، تنهنجي ماضيءَ کان،
پنهنجا جذبا پڪ مروڙيندي، ايڏي ڪاوڙ!

آئيني ۾ جاچيندي کو چرڪ پري،
ڳاڙهي ڳل تي چڪَ مروڙيندي، ايڏي ڪاوڙ!

يادن جا سرگم تہ چنئي، بي جان ڪيئہ،
دل جي خالي ڌڙڪ مروڙيندي، ايڏي ڪاوڙ!

تون خيالن جي دامن ۾ درياهہ ڏسي،
’صفدر‘ ساري، ٿهڪ مروڙيندي، ايڏي ڪاوڙ!

•

مون تہ ائين ئي رستي تي دامن ڦهلايو آ،
تنهن ۾ رنگ رنگيلو ٿهڪو ڪنهن اڇلايو آ!

ڪالهوڪي برسات ۾ تنهنجا آرس ياد پيا،
هاڻوڪي پن ڇڙ ۾ توکي ياد ڪو آيو آ؟

جيڏي! تنهنجي جوڀن رُت جو نغمو ڳائيندي،
روڳي من جي ٻالڪ کي مون ڪيئن پرچايو آ!؟

تنهنجو جسم لُڏي ٿو سڄڻي! تڪڙين گامن تي،
منهنجو هرکي هينئڙو ٿو ۽ ڪيئن وڄايو آ!

تون تہ حياتي جرڪائيندي خواب سجائين ٿي،
عمر سموري مون تہ سکن جو سوڳ ملهايو آ!

تڪ اجا پيي اوجاڳن جو پنبڻين ۾ اٽڪيل،
پڇُ تہ سهي مون تنهنجي غم سان ڪيئن نڀايو آ!

او ڳوناٽي! رئي ـ پلوَ سان ڳوڙها ٽاڪي ڇڏ،
’صفدر‘ مس مس هوش سنڀالي اڄ مسڪايو آ!

•

ڳالهڙين جا ڳوٺ ميڙي، شام جو
هوءَ وڃي ٿي وار ويڙهي، شام جو!

هُن جي ميڙڻ جي تمنا ۾ اسان،
دل چڏي تيڙي پکيڙي، شام جو!

اي هوا! ڏي ٻي جنم جي پوڳنا،
ٻن چپن سان چيچ چيڙي، شام جو!

ڪنهن حسين سپني جي پاکر ۾ پري،
ڪير ويئي پوءِ ٽيڙي، شام جو!

سونهن تنهنجي ڪيچلي جابر نظر،
عشق جو اندر اُديڙي، شام جو!

تنهنجي ٿهڪن جي صحن تان بانوريءَ
چنڊ آيو پاڳ ميڙيءَ شام جوءِ
•

چيائين: 'سرءُ رات ايندي ڪڏهن؟'
چيم: 'پر ملاقات ٿيندي ڪڏهن!'

چيائين: 'اُتي جي هوا ڇا تي ڇڻي!؟'
چيم: 'هوءَ وڇوڙا وندبيندي ڪڏهن!'

چيائين: 'چتائي چتائي نہ ڏس!'
چيم: 'سا عبادت نہ ويندي ڪڏهن!'

چيائين تہ چپ، ڇا اشارا چون؟'
چيم: 'هوءَ اڪيڙون چندبيندي ڪڏهن!'

چيائين: 'اچا آس تي آن زنده!'
چيم: 'ڏرتتي دل رنگيندي ڪڏهن!'

چيائين: 'اچا ڪيترو وڪربين؟!'
چيم: 'دل اوهان جي جهليندي ڪڏهن!'

چيائين تہ 'صفدر' جي ڪوتا ۾ ڇا!؟'
چيم: 'تنهنجي جهولي پرپندي ڪڏهن.'
•

تو ائين موڪلايو پئي،
چڙ حسن ۾ ورهايو پئي!

سوڳ وارو جياپو ڏئي،
ديوتا مسڪرايو پئي!

مون غزل گنگنايو پئي،
هُن وڇوڙو وچايو پئي!

پاڻُ ڳولهي مون سوگهو ڪيو
هُن وڃائڻ جو چاهيو پئي!

چا خبر هانوَ کي، ايترو —
ڪير هو، ياد آيو پئي!

ڪنهن اڪيلي قبر جي مٿان،
بادلن جهلملايو پئي.

•

چپن سان چنبڙائي وئي هلي آ، چميءَ جي پوسل،
تڏاڻ آچي هڳاءُ تي آ، چميءَ جي پُوسل.

اوهان جا پاڪر، اوهان جون ٻانهون، سفيد چوڙيون،
اسان ڪان وسري ڪٿي سگهي آ، چميءَ جي پُوسل.

اسان بہ پياسا، اوهين بہ پياسا، اُميد پياسي،
چپن چپن تان چُمي وتي آ، چميءَ جي پُوسل.

ڪڏهن تو خط جي ڪِني ڪناري، ڏني اُماڻي،
اڃا بہ ڪاغذ تي تازگي آ، چميءَ جي پُوسل.

ائين لڳي تو وجود جهڙ آهي آڳ ـــ شعلا،
۽ برف ٻڻجي جمي رهي آ، چميءَ جي پُوسل.

لهر لهر تي چميون ڪنارن جون گوريون پانهون،
اسان کي هر هر ئي ياد پئي آ، چميءَ جي پُوسل.

بدن جون ڳليون ٺُٽي رهيون هن، ڀُري رهيون هن،
هلي، هلي آ، سُڪي رهي آ، چميءَ جي پُوسل.

•

تنهنجو جوڀن - بهار اُف، توبها!
توتي چانيو آ پيار اُف، توبها!

اوچتو آوڙي ويون اکڙيون،
ويون لُٽينديون قرار اُف، توبها!

تون بہ بيزار زندگي! خود کان،
ڪر اسان کي فرار اُف، توبها!

پيار جي پرت پاڙجي ڪيسين؟
هي تہ جيون اُڌار اُف، توبها!

ڪٿن پڙهي نيڻ ۽ چيئہ سسڪي،
ايترو انتظار اُف، توبها!

او اپيچند! ڪٿي پُڳو آهين؟
هي نہ سرمد جو پار اُف، توبها!

تنهنجي واعدن جو ڀرم بي معني،
ويو ڪري اشڪبار، اُف، توبهه!

تنهنجو ’صفدر‘ گناهگارن ۾،
ٿي ويو آ شمار، اُف، توبهه!

•

چوين ٿي ڇُهندڙي پائي، ڪٿي من بي ڏيان آهي؟
چيم: تنهنجي حسين مک ۾ ستارن جو جهان آهي!

اڪيلائي جي ٻانهُن جو اجان ڀي ضبط آ جانان!
حياتيءَ جو ڏٿل نقشو ٻہ موهن وانگيان آهي!

ڪٿي آهي؟ ڪٿي آهي؟ ٻُڏي، جو سڏُ ورنائي؟
اسان جي لوچ ڄاٽي ٿو؟ خدا، جي درميان آهي!

جڏهن کان تون ٿڙي آهين، نئين مُڪڙي جيان سانئڻ!
اسان جي پيار جي موسم، الئہ ڇو بدگمان آهي!؟

تون ڪاليجي سڪين سان گڏ، متيندينءَ ڪيترا رستا!
مگر تنهنجو گُذر جانان! اسان جي دل وٽان آهي!

وري گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ، اُٺي ٿي بيقراريءَ کي،
نظر اک ٽيٽ ۾ جاڳيل، الائي ڪنهنجي کان آهي!؟

•

واءُ ۾ تي ڪُڏيءَ جا ڪٽا وائري،
اينٽري عشق جا تي قصا وائري

هوءَ صبا جي ٻُڪن ۾ سنديسو ڏئي،
انتظارن جا تي حادثا وائري

آهه نچڻي هي موسم، اچين جي صنم!
مان ٽڪي هان پيو وسوسا، وائري

دل جي ديري ۾ ڪو چين باقي نہ آ،
هوءَ وئي يادگيريون صفا وائري

جاڳ جي جهول ۾ سسڪندڙ راهبا،
ٻن چپن مان تي ڪنهن لئہ دعا وائري

مُکڙي مُکڙي ۾ هُن جون نهارون ٽڪي،
۽ وجن ٿيون اکين جا نشا وائري

ٻار سان کيڏندي مام ۾ ڪجهہ چئي،
هوءَ ڪمري ۾ تي ٿهڪڙا وائري
•

پوئين سوچي هير ذِڪر جي،
ياد جڳائي وئي ٻن چڙ جي!

يار مصوّر! ناهي ڏيندين؟
ڪا تصوير اڳاهين ذِرِ جي.

مون کي ڪيڏي هيرَ وڏي آ،
تنهنجي دوريءَ هيئن سوچڙ جي!

آنءُ ڪنايان تو اوندھ ۾
هلڪي آهٽ پير ڪٽڻ جي.

ڳاڙها ڳاڙها پيرون آهن،
شبنم شبنم تاري وڙ جي.

ڪيڏي ريس ڏني آهي تو
مُڪڙي مُڪڙي کي مُسڪڻ جي.

تنھنجا نيڻ پرانھان آهن،
ويل وڃائي مون پيئڻ جي.

دل جو ڪمرو پرجي ويو آ،
جاءِ نہ آهي درد رکڻ جي.

هاءِ يتائي! ڪيسين تائين؟
سينَ لڳايان سندُ سَجڻ جي!

•

هي فضائن ۾ واس جيڪو آ،
تنھنجي چاهت جي رنگ جھڙو آ.

ڏسُ تہ ڪنھنجي خوديءَ چيو روئي،
'پاڳ' ۽ جاڳ، ڪو انديشو آ.'

اڻ ٻڌو گيت تي پيا آهيون،
تو جو چاتيءَ ڪٽي سميٽيو آ.

ڪين هر گهاوَ جو اکين کان پُڇ،
دل بہ اڻ ڪٽ ڪلورُ پوڳيو آ!

جنهن کي چاهيو هيو مسيح جيان،
ان ئي راحت ۾ روج خلقيو آ!

پوئنر وياڪل ڏسي تو تاريءَ ڏي،
چڙ تہ مُڪڙين جو ٿيو قضيو آ.

تنهنجو ’صفدر‘ هوا ۾ اُڏري ويو
تنهنجي ٻانهن بہ ڪين روڪيو آ.

•

ڪيئن رم جهم رات رتوليءَ ۾،
ڪي ٿهڪ لڪايئہ چوليءَ ۾.

مون ارمانن جا لاش ڪنيا،
تون بي سُڌ هئينءَ هوليءَ ۾!

ڪلهہ جيئن ملي هوءَ بازر ۾،
ڪو رنگ نہ هو همجوليءَ ۾!

تو ڪيڏا سپنا جُهوماَيا،
اي! پيار جي اُڏند ڪتوليءَ ۾.

هُن مام ۾ مون سان ڳالهايو
ڪو ٻارُ ويهاري جهوليءَ ۾.

تو مرڪي هٿ مان هٿ ڇنو
ارمان ٻُڏا چڙ چوليءَ ۾.

’صفدر‘ تہ کڌهن جو گم آهي،
هُن صورت يولِيءَ يولِيءَ ۾.

•

تنهنجي چهري تي جو تڙي آهي،
مرڪ سان مون لئہ سوکڙي آهي.

کيچلي واءُ ڪجهہ ڏسيو هوندس،
خوام خواهہ ڪو نہ ڪاوڙي آهي!

تنهنجي جوين جي باک ست رنگي،
کا خبر ناهہ ڪٿ لڙي آهي!؟

ڇوڪري، سونهن آ، ستارو آ،
يا تہ شعرن جي چوپڙي آهي.

پنهنجي’صفدر‘ جي دل سنيالي رک،
تو جيان ئي اٻوجهڙي آهي.

•

توکان جيکر دور رهڻ جي، هيرَ هجي مون کي،
سجڻي! تنهنجي نيڻن جي پو چو چڪَ تي مون کي!؟

توڏي ايندڙ سارا رستا يارا! اُماسا هن،
کير نہ آ، جو تنهنجي گهرَ جي راھ ڏَسي مونکي!

اونداهين جي آغوشيءَ ۾ هوءَ مان جاڳيل هون،
دير ملڻ کان پو تي کيڏو پيار کري مون کي!

سوچ - سفر ۾ تنها تنها، پيرين پيادو مان،
هلندي هلندي دوريءَ جو تو دردُ سڏي مون کي!

کهڙو سهج کمائڻ ۽ کو چينُ پرايو تو
شهرِ تهمت جي گهٽين ۾ رول ڇڏي مون کي!؟

کلندي کلندي نيڻ - گهٽائون دامن تي برسيون،
رُلندي رُلندي چوراهي ويو چنڊُ لُٽي مون کي!

تنهنجا نيڻ الائي کاٿي، تارن سان جهومن،
۽ هت ويرانين جو منظر پيو ساءُ ڏئي مون کي.

آنءُ پرينءَ جي ياد - نشي ۾ ٽُب تر تي ويو هان،
او موکي! او موکي! هاٽي جام نہ ڏي مون کي.

•

لُڙڪن ريءَ چا آهي هُن وٽ باقي، ڙي!
توکي کهڙو امرت آڃي، ساقي، ڙي!

هُن تہ اکين جي آڳر تي سپنا پوکيا،
چنڊُ ويو پر کهڙا رستا جهاڳي، ڙي!

ڳوٺ جا رستا، بلب گهٽيون آرامي پر،
جذبا پنهنجا کو نہ سُتا جذباتي، ڙي!

تون بہ نہ آئينءَ ڪوئي ڪوملُ سپنو تي،
مون بہ ستم جي رات گذاري جاڳي، ڙي!

توکي، تنهنجي ٿڪن کي ڪا سُڌ ناهي،
پن پن تي ڪئن وکري ويو سودائي، ڙي!

ڪهڙي رُت جون تو هي آنديون تنهايون؟
ڪهڙي رُت جا نيڻ تلاشي راهي، ڙي!

ڪنهن پل چنڊ ڏٺو تہ گوريءَ - ٻانهن ۾،
'صفدر' جا احساس هئا آساسي، ڙي!

•

سوچجي، زندگي آ صفا تورڙي،
پيار جي عمر آ پر اچا تورڙي!

هي اواڪيون اکيون لهر ساري روئن،
تون چپن مان چُڪي ڏي پيلا تورڙي!

يا نہ وٺ امتحان ٻي صبر روح جو
يا صبر جي عطا ڪر ادا تورڙي!

وقت ليلان جيان ٻي مهلو تو وکي،
تون بہ ڪوئنرو جيان ڪر ٻها تورڙي!

مان گهڙي ڪن سمهي آنريان اکيون،
هوءَ وسري وڃي جي ذرا، تورڙي!

موت جي مات ڪان آهہ بهتر خدا!
تون جيئڻ جي اچا ڏي سزا، تورڙي!

تون وئي آن تہ ’صفدر‘ جي آغوش ۾
جاڳي آهي ڏُکاري ڪلا، تورڙي!
•

اي تمنا! تمناءِ مقتل نہ ڏي،
دل نٽي ڏين تہ پٿر ڪري، گُل نہ ڏي!

چنڊ جون چيرويون توکي گُهورين پيون،
پارُ ناهين رهي، بانوري! بُل نہ ڏي!

آنءُ وسري وڃان، پاڻ کان پل خدا!
هوءَ وسري وڃي ايتري ڀُل نہ ڏي.

نيڻ مس مس سُتا هن سميٽي سُپن،
پيار سان نينڊ ڏي، ماتمي هُل نہ ڏي.

ياد جي تازگي آ بهارن جيان،
سار جي ساعتن کي ڏکي جهل نہ ڏي

ٻن گهڙين جي سفر ۾ تڪي هان پيو
ٻن پلن جي سفر ۾ ڏگها تل نہ ڏي

دل جي سنسار تي ڪر ڪڪر- چانورا،
ڪاڪلن کي ورائي ٻڪل نہ ڏي.
•

دل ۾ ايذا جو وسوسا رکندين،
پو صدين تائين چاهه چا رکندين؟!

آڻ توکان تہ وسرڻو ناهيان،
دل تي پٿر بہ ڪيترا رکندين؟!

هوءَ جواني، اچي تي بي پردي،
راز تنهن جا ڍڪي هوا! رکندين؟

منهنجي غربت جي جهول خالي ۾،
يارا! چا پيار جي بها رکندين؟!

منهنجي جيون جي ڊائري ڪولي،
قول تنهن ۾ ڪي ياد جا رکندين؟!

پاڻ هر بار هارَ ماڻي آ،
تو ڪتن ڪيڏا مامرا رکندين؟!

مون نہ چاتو اڙي هوا - چائي!
خواب 'صفدر' جا اڻ چٽا رکندين؟!

•

دل چوي تي ورائي قصا ڳائجن،
ميرڙي باک جا مرثيا ڳائجن.

هر طرح سان لُٽيو لوڪ جي سازشن،
ڪنهنجا ڪنهنجا ستم، الميا ڳائجن!

دل چوي تي تہ ڳاڙهن ڳلن جا غزل،
سونهن جي انجمن ۾ سدا ڳائجن.

اج اداسين جي پن چڻ لڳي آ پرين!
اج بهارن جا ٽهڪا نٽا ڳائجن.

تو وساري ڇڏيون هن ملڻ جون مندون،
ڪيستائين وڇوڙا پيلا ڳائجن!؟

وقت ٽيو آ، ڪلا کي نه ڪو هوش آ،
سکّ ـ سهرا ڪئين تو بنا ڳائجن!؟

•

ڪيڙُ جيئي ها جڳ ۾ ارمان بن،
مون وٽ تنهنجا خواب سلامت هن، سانئڻ!

جن تي هلندي چانڊوڪيءَ جا واس ڏنئه،
چا چا ڪسيو مون کان تن رستن، سانئڻ!

چنڊُ ڪلي پيو آهي بادل جي ٻڪ ۾،
ڪهڙي اُجري ڳالهه ڪئي ڳوڙهن، سانئڻ!

ڳلڙن ـ لامون رات نوايئه چپڙن تي،
ڪوئنرا ڪوئنرا ڇهاءَ اجا ٻي هن، سانئڻ!

ڪهڙي يُگ جا درد وندائڻ آئي آن،
نيڻ ازل کان اوتر ۾ اُلجهن، سانئڻ!

ڳوناٽي آسيس الائي ڪاڏي وئي؟
تون ٻه نه آهي، سارون ٽيون سڏڪن، سانئڻ!!

چو نہ هي سپنا پنهنجو انت پو آڻيندا؟
جي هُو ينيا زلف بہ چانوَ نہ ڪن، سانئڻ!

•

ڪيڏو تو سنجيده ورتو ننڍڙين ڳالهين کي،
امرت ڪاڻ سڪايئہ جانان! من - متوالن کي!

سندرتائون، خوب ادائون، خوشبو خوشبو ٿهڪ،
پو بہ پري چو بزم نہ آئي راس ڪلالن کي!

تو تہ ٻڌا ها باهر منهنجا ٿهڪ پڙاڏا، گيت،
تو نہ ڏٺو پر منهنجي اندر هيٺن حالن کي!

مون بہ تہ هيڪل جُون - ڏهاڙا جيون گهاريو آ،
تو بہ تہ آزاديءَ هئي اربي ڪين اجالن کي!

منهنجي اندر شاهہ يتائي جڻ جهونگاري ٿو
ڪنڌ ڏوٽي جو مرڪائين ٿي اجرن والن کي!

شيخ، حلاج، قلندر، سرمد، سچل، سامي، شاهہ،
وقت وساريو پر نہ وساريو پورنءِ بلالن کي.

•

چتيون چتيون ٿي وئي آ سڄي حيات، پرين!
تڏهن به ساهه تلاشي ٿو حاصلات، پرين!

ذهن - ڪنڌي تي سوچن جا ڪڙڪيتا هن،
۽ دور دور اوهان جي ٺري ٿي رات، پرين!

سرءُ جي شوخ نظر سان نهارجو نه مونکي،
اچا نه ماڻي اٿم درد کان نجات، پرين!

وري ملو ته وجهو هيرَ مسڪرائڻ جي،
وري ملو ته ڪجو ڏيمي ڏيمي بات، پرين!

اوهان جو پيار جيستائين ڏياتيون ٿي رهيو
اسانجي ذات کي ايندي ڪڏهن نه مات، پرين!

هزار بار ڪلياسين بهاني پوڳن جي،
مگر اُها ئي اداسي، اُها ئي سانت، پرين!

•

اسان جو پنڌ، پهر جو نه سال جو صديءَ جو
جنم جنم جي ساٿ ۾، هي سُور هو ڪويءَ جو.

اوهان الائي ڇو ٻُڌڻ گهريو نه شوق ذوق سان،
قصو ته مختصر هيو اسان جي دل لڳيءَ جو!

وري اويل ياد کا ڪڙي آ دل جي ڪنڌ ۾
وري لڙاٿ ٿيون اکيون، جو پور پيو سکيءَ جو!

نچي نچي ٿڪي نہ هئي، مگر ڪٿي ٿڪي هئي،
مون چير ۾ ٻڌي وتو هو درد نرتڪيءَ جو.

اڃا تہ تو ٻڌيون نہ هون، اسان جي دل جون ڌڙڪنون،
اڃا تہ تو پڙهيو نہ هو ڪو بابُ عاشقيءَ جو!

پرين! نہ چاهہ جا ڏنا، ڪي ديپ ها اسان ڪي تو
ٽٽي ويو حصو حصو ٽي شهر زندگيءَ جو!

نہ جاڻ ڇو سفر ۾ تنهنجا نيڻ ياد ٿا اچن،
۽ عڪس تو رهي اکين ۾ تنهنجي ئي گهٽيءَ جو.

•

اي موت اياڳا! ڪلهہ جو مرڪي پيگ پري تو پيتا ها،
سا گنگا جل جي مئہ نہ هئي، پر منهنجي ماءُ جا ڳوڙها ها!

مان دورِ حسينيءَ کان ويندي اڄ تائين پُرندو آيو هان،
تون ڪيئن بہ ميڙين ها مون کي، منهنجا تہ هزارين ذرڙا ها!

هُو اڇٽو هو هُو اڇٽو هو ڪي ڪيسوقل جا قول ڪٽي،
افسوس انهيءَ جي آجيان لئہ تو هٿ ۾ پٿر شيشا ها!

مون روز چمين جا چنڊ ڏنا، تو روز انڌيرن واٽ ڏني،
مون روز وٽين کي ويجهو ڪيو تو روز وڏايا ويڇا ها!

اڄ ڪيئن رنجيده لمحن ۾ سي مورک ماٺهو ياد پيئہ،
جي ڪڏهين پيي ديواليءَ تي يرا! توکي ياد نہ آيا ها!

تو ديوارن تي جي چٽيا سا مام نہ مون سمجهي سائنڻ!
ڪي ابتا سبتا ليڪا ها، ليڪن ۾ ڪنهن جا نالا ها!

اي موهن! تو وٽ ميڙاڪا ۽ آنءُ اڪيلي جهنم ۾،
تو ۽ مون ۾ فرق هيو ڇا؟ آثار ٻنهي جا ساڳيا ها!

مون جنهن جنهن جاءِ تي جهات وڌي، هر جاءِ اوهان جا جلوا ها،
هن ٿامي جهڙي ڌرتيءَ تي رب! روپ اوهان جا ڪيڏا ها!

•

ڪو بدن بخمل، ڇُهن ٿيون آڱريون،
هارمونيم تي هلن ٿيون آڱريون.

ٻيڪڙائي دِرُ وڃين تي ڪاوڙي،
پانڌُ پر پڪڙي وٺن ٿيون آڱريون.

پنهنجي اُجڙڻ جو وڏيرو سانحو
روز واريءَ تي لکن ٿيون آڱريون.

جي ڪريون ٿا زندگيءَ جو تذڪرو
چُپ چئي، چپَ تي رکن ٿيون آڱريون.

ست تڪر تي تو خدا جو آسمان،
آڱرين ڪان جئن ڇڄن ٿيون آڱريون.

جي هوائون نانءُ تنهنجو ٿيون وٺن،
لوڪ جون مون ڏي کڄن ٿيون آڱريون.

هيل ’صفدر‘ ڪي ڏسي ٻي رنگتو
مام ۾ ڇا ڇا چون ٿيون آڱريون.

•

جن تي پٿرن جا ڏيڳ پيل آهن،
سي اسان کان رُسي ويل آهن.

ڪائي اُپ تي نه آ تتر ڪرڙي،
ڏس اکين ۾ ته ڪيڏا مل آهن!

رات مهڪي پئي آ مينديءَ جان،
تو اُماٽيا ٻه چار گُل آهن.

گيت رچجن ته ڪئن رچن هاڻي،
تنهنجا ميرا ڏنا مون ڳل آهن.

درد من! واڪا تو ڪري من ۾،
دور مانجهي اجا ستل آهن.

جاڳ جو بُوجهه آهي نيڻن تي،
سار – سپنا هراسيل آهن.

ڪا چُميءَ جي رهي نه آ پُوسل،
يارا! پنهنجا اُجارا ڳل آهن.

•

تنهنجي چاهت چري ڪئي ته نه هئي!
دل اڳي ايڏو بي چئي ته نه هئي!

ڪاوڙي وئي هلي ته ڪمري مان،
دل جي ديول منجهان وئي ته نه هئي!

قرب ـ ڪمرو ته هاڻ ٿيو ميرو
اڱ اُداسين جي ائن رئي ته نه هئي!

اي خدايا! ورهاستن جي مهل،
بي وسي مون ڪُٺي پئي ته نه هئي!

پاڻ نرجو تي ڪنڊ نوڙايو
موسمن جي مڱي مُئي ته نه هئي!

چوڪري پڪ هئي فلڪ ـ واسڻ،
شهر جي، واهڻي، بئي ته نه هئي!

•

ڪنهنجي تربت پڪاريو آ توکي،
جو هوا جيئن وجين تي چوئي!

مرڪ جا قول چني چو پيئي،
هيرَ مُسڪڻ جي وڏي آ تو ئي.

آنءُ غمگين غزل يي ناهيان،
تون نه جهونگار اي هوا! روئي.

زندگي! تون فرار تي سگهندينءَ؟
موت پويان پيو تي هٿ ڏوئي.

تون ۽ مان سرد سرد سُرباتا،
رات اوندهه جي وڏي آ لوئي.

جنهن جٽاريو عمر دراز چئي،
مون کي مرده ته ڪري ويو سو ئي.

جي پُڇين تي حيات جي معنيٰ،
لفظ اٽڪي تو نڙيءَ ۾ ڪوئي.
•

وڇوڙي جي وٿين ڪان اڳ،
وري ملندينءَ ڪنهن مارڳ،
خبر ناهي!

اکين جا پاند ۾ ڳولا – سُپن ويڙهي،
لٽاڙيندينءَ سارو جڳ،
خبر ناهي!

اُهو ئي ماٽ جو ماتم چو سيني ۾؟
اُهو ئي درد جو چو ڏڳ،
خبر ناهي!

پريان ڪنهن درد جي آذان گونجي آ؟
يا ڪُرڪي ڪو اُڏيو آ ڪڳ،
خبر ناهي!

اسانجي دل جي ٻڙ هينان ٽڪي پوندو اوهان جي ياد جو هي وڳ،
خبر ناهي!

اسان وانگي تلاشي تو پتو ڪنهن جو
ٽٽل هو تارڙو جڳمڳ،
خبر ناهي!
•

ڪڳ: ڍانڊي پکي

ترونون

چُمين جا ساز هلڪا،
ٻَڪن جا ڪوٽ لوها
اسان اوندهہ ڪناري.

تتر ڪرڙي جي پاسي مان،
نهاري چنڊ ٿو ائين
صفا چڻ تون نهارين ٿي!

نياپن ڪان اُماڻيون سي
هوائون رات جو ترسي
صبح خالي هٿين موٽيون.

انڌيري رات نگري
هجڻ جي پڪ ڏيارڻ ڪان
اُڇالي ٿي يتر ننڍڙو.

اُڏامڪ روح آ پنهنجو
اُڏامي ڏور ٻي وڃجي
ڪجن پر پير ڪاڏي هي؟

اٿيو سورج پهاڙن تان
اٿيا پنڇي بہ پر ساهي
مگر هڪ لاش ننڊ پيو آ!

ڪٽي جهالر ستارن جي
اچين ٿي تون انجامن تي،
ڪو رسمن جو نہ ٽوٽئہ پوءِ!

هوا جي چيچ پڪڙي،
اسان سر تي ڪنئي آ،
ڏٺي آوارگي چو؟

بنا ڪنهن طلب جي توکي
ڏنيون سي رياستون دل جون،
اسان کي ڪيئن ڪَپُرَ ڪاڏو؟
جڏهن تون ڏيان ۾ ناهين
زنده ڪا ياد ٻي ناهي
تہ ساهن کي گهُٽن آ چو؟

وجي ٿو هورڙيان هلندو
ٽڪل، بي ساختہ، گم سم،
آهي ريڊار جان سورج!

ڪير نہ ڄاڻي، ڪير نہ ڄاڻي
ڪنهن جي ڪاڻ ڪنديون هن پيارا!
ويرانين ۾ ورد هوائون!

حياتي سياح جو سپنو
جياپو اشڪ ـ ڏارائون
پريان ريڊار ڳالهايو.

اسان وچڻا سي مقتل ڏي،
اسان کي عيد ڳاهن ڏان،
خوشي ڪائي چڪي آئي.

اُرهن سان لڪائي ٿي
کي پاپ، ثواب سيئي
هي رات تہ ماءُ آهي.

اگر قولن ـ هڳاءُ ناهي.
اسان هون توبنا سائنڻ!
ڪنهن چوري ٻار جي تربت.

اِهائي تريجدي آهي،
اسان جا ٿهڪ پارن جان،
تنهنجا سُڏڪات موسيقي.

اسان کي ننڊ ڏيارائي
ڏئي ويئي، هوا ـ جائي،
ڪو هڪڙو خواب کيڏڻ ڪان!
لڳي آڪاس مون کي،
دِيا جي جهول وانگي
ستارا جڻ دعائون.

پيجي آرس اٿيون اکڙيون
نظر آڪاس ڏي ڊوڙي
ستارن جا جهڪيل ڪنڌ ها.

نهارون جڻ تہ آذانون،
اوهان جا نيڻ مصلي جان،
اسان جي دل نمازي آ.

اسان توڙي اُماڻيو آ
ستارن جو پريل پيڙو
اسان جو ميڙ ٿئي جانان!

وري ويران رستن تي،
رُلڻ لئہ پير گھليون ٿا
اسان کي ڪير روڪي ٿو!

سموري ڳوٺ جون نظرون
اسان جي تاڙ ۾ آهن
اسان مدهوش متوالا.

نهارن شام جون اکڙيون
اڪيلائي جي آڳر ۾،
سُتل آ درد جي وينا.

اجا هڪ شعاءُ سورج جو ستو مس آ
وري پيو شعاءُ چنڊ تارن جو جاڳي پيو
اسان جون يار اونداهيون ڪڏهن ايندين؟

تون حق تي ئي چڙين تي روشنائي ڪان،
جڏهن پي چنڊ چوڏهين جو ڪڙيو آهي،
اسان جي پيار کي پڪڙي وڏو نيٽڻ.

پُڇي پي ڪين ٿيون جاڻن،
اٿيون ويڙهاند ڪان هر هر
اڪيون جڻ هار چاهن ٿيون.

اهوئي بس قصور آهي
اسان چپ جي غلافن ۾،
ڪيون ديوار سان ڳالهيون!

اسان کي پو خبر پيئي
خدا تقدير ۾ لکيون
اسان لئہ جاڳ ويرانيون!

ڪنواري چوڪريءَ ڪاڏي
لکي، چوري، ورانڊي ۾،
الائي چوڪچي انبڙي!

سيئي ساراه جا نغما
اوهان تي ئي ڪُتا آهن.
اسان بدنام راڳيندڙ.

ڪڏهن جي تون پُڇين مونکان،
تہ توبن ڪيئن هان سائنڻ!
تہ چوندس ’لاش لاوارث!‘

وري اوتر گھليو آهي
گھٽين ۾ اوپراڻپ جو
اسان اُهڙي جا اهڃا ئي!

پهاڙيءَ جي چپن تي هو
ڪڪوريل ڳلُ سورج جو
هوا خاموش نوحو هئي.

ڏينهن، رات رُلي تي پئي.
هر سانت ستا پاڇا
چو واءُ ڪي ننڊ ناهي!

# ختم ٿيو

انٽرنيٽ ايڊيشن : عباس ڪوريجو ويب
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
WWW.ABBASKOREJO.COM